
(ڪھاڻيون)
عورت
۽
احساس
ڊاڪٽر آمنہ سومرو

# عورت ۽ احساس

## (ڪھاڻيون)

## ڊاڪٽر آمنہ سومرو

سرسوتي ساھت گھر, ڏوڪري
2018ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع
سنڌ سلامت ڪتاب گھر

# حق ۽ واسطا اداري وٽ محفوظ


ڪتاب جو نالو : **عورت ۽ احساس**

موضوع : (ڪهاڻيون)

ليکڪ : ڊاڪٽر آمنہ سومرو

ڇاپو : پهريون، آگسٽ 2018ع

ڳاڻيٽو : هڪ هزار

ٽائيٽل : مصور منگي

ڇپائيندڙ : سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري، ضلعو لاڙڪاڻو.

**مُلهہ : 100** روپيہ



**ڪتاب گهرائڻ ۽ رابطي لاءِ:**

**عيسيٰ ميمڻ**

0333_7555986

essa.memon1985@gmail.com

## ارپنا:

ان عورت جي نان ۽
جنهن عورت صدين تائين
ڏکن سان رشتو جوڙي،
هن ڪائنات ۾ پنهنجي
وجود کي برقرار رکندي،
سُکن لاءِ سامان مُيسر
پئي ڪيو آهي.

**ڊاڪٽر آمنہ سومرو**

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”عورت ۽ احساس“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب **ڊاڪٽر آمنہ سومرو** جي ڪهاڻين جو مجموعو آهي.

ڊاڪٽر آمنہ سومرو جي ڪتاب جون ڪهاڻيون نہ صرف اسان جي مرداڻي سماج کي وائکو ڪن ٿيون پر عورت جي ڏکن، احساسن، ضرورتن ۽ مسئلن کي بيان ڪن ٿيون.
بيشڪ هي تاثراتي ۽ احساساتي ڪهاڻيون آهن ۽ مان سمجهان ٿو تہ ڪنهن جي احساسن کي سمجهڻ هڪ ڏکيو عمل آهي. پر ڊاڪٽر آمنہ سومرو نہ صرف ڪردارن جي احساسن کي سمجهيو آهي پر انهن احساسن کي انتهائي خوبصورت انداز ۾ بيان بہ ڪيو آهي، ان لاءِ ڪيس جس هجي.

هي ڪتاب سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري پاران 2018ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون پياري عيسيٰ ميمڻ جا جنهن ڪتاب موڪليو ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

## سٽاءُ:


| | |
|---|---|
| اداري پاران | عيسيٰ ميمڻ |
| ڊاڪٽر آمنہ سومرو: مختصر تعارف | منير سومرو |
| پنهنجي پاران | ڊاڪٽر آمنہ سومرو |
| مهاڳ | مدد علي سنڌي |
| پيش لفظ | ڊاڪٽر عابد مظهر |
| مرد جنہ مات ڪيا | نثار سولنگي |


## ڪهاڻيون:


نہ وسرندڙ سارَ
سگهڙ
پتلي نما زال
حاصلات
پرسنٽيج
ســوچ
اندر جي روشني
مُرڪَ
تــفــريح
پرينءَ جي محبت
سُڏڪندڙ جيءُ
سُندرتا ۽ سونهَن
چار سهيليون
پاتال
اڪيلائپن جي اذيت
ٽڏا ساهَہ
غربت، جهالت ۽ بيحسي

**جياپي جو سوال**
**ياد**
**ڪوڊ آف لائيف ـ Code of Life**
**بنا عنوان**
**وڏائي**
**مينٽل ائپروچ**

---

# اداري پاران:

سنڌي ادب جي تاريخ ۾ سنڌي ڪهاڻيءَ جي تاريخ 1914ع کان شروع ٿي، جڏهن ڪهاڻيءَ جي جديد گهرجن مطابق امر ڏني مل پهرين ڪهاڻي ”حُر مکيءَ جا“ لکي هئي. ان دؤر کان موجوده دؤر تائين سنڌي ڪهاڻيءَ جو شاندار سفر رهيو آهي. جنهن عالمي ادب جي معيار ۽ سطح کي ڇُهيو آهي. موجوده دؤر ۾ جتي سندس ڪهاڻي پنهنجو شاناائتو ۽ مانائتو سفر جاري رکيون پئي اچي اتي ڊاڪٽر آمنہ سومرو جو هيءُ ڪتاب انهيءَ سفر ۾ سڦلائتو ۽ مهلائتو قدم آهي.

ڊاڪٽر آمنہ سومرو جنهن پنهنجي سموري ڄمار علم ۽ ادب جي کيتر ۾ خدمت ڪندي گذاري آهي. هن غربت جي حالت ۾ بہ علم جي مشعل کي اُجهامڻ نہ ڏنو آهي. ڊاڪٽر آمنہ سومرو زندگيءَ جي هر پل کي سڦلائتو بنائڻ جي جستجو پئي ڪئي آهي، جنهن حالتن کان هارَ مڃي خاموش ٿي ويهڻ کي ڪفر سمجهيو آهي.

سرسوتي ساهت گهر ڏوڪري پاران ڊاڪٽر آمنہ سومرو جو هيءُ پهريون ڪتاب آهي جيڪو ”عورت ۽ احساس“ جي نالي سان شايع ٿي اوهان تائين پهتو آهي. يقينن هن جون ڪهاڻيون سنڌي ادب جو املهہ اثاثو آهن. هنن ڪهاڻين ۾ انهن مظلوم عورتن جون پيڙائون بيان ڪيل آهن، جيڪي عورتون هن سماج جو گهڻ طرفو جبر برداشت ڪن ٿيون. اوهان جا رايا اسان لاءِ رهنمائيءَ جو سبب رهيا آهن ۽ رهندا.

**عيسيٰ ميمڻ**

**چيئرمين**

**سرسوتي ساهت گهر، ڏوڪري.**

# ڊاڪٽر آمنہ سومرو: مختصر تعارف



**نالو:** آمنہ سومرو

**ولد:** محمد حسن سومرو

**ڄم جي تاريخ:** پهرين اپريل 1978ع.

**ڄم جو هنڌ:** ڳوٺ عالي ڪبڙ تعلقو واره ضلعو شهدادڪوٽ.

**تعليم:**

پرائمري جا پنج درجا : 1988ع

مئٽرڪ: 1993ع

انٽر: 1996ع

بي ايس سي: 1999ع

ايم اي :(سنڌي ادب) 2001ع

پي ايڇ ڊي : 2015ع ( انيس انصاري جون علمي ۽ ادبي خدمتون)

**لکڻ جي شروعات :** 1988ع

**پهرين لکڻي :** شاعري

**نوڪري:**

ريڊيو پاڪستان لاڙڪاڻو تي 1996ع کان اناؤنسر ۽ ڪمپيئر.

چنيوٽ اسلاميہ پبلڪ اسڪول ڪراچي ۾ ايس ايل ٽي طور 1998ع کان 1999ع تائين نوڪري ڪيائين.

2001ع کان 2006ع تائين لاڙڪاڻي مختلف خانگي اسڪولن ۾ استاد طور تي نوڪري ڪيائين.

2006ع کان وٺي ليڪچرر طور گورنمينٽ گرلس ڪاليج لاڙڪاڻي ۾ نوڪري هلندڙ آهي.

**تعارف: منير ايس. سومرو**

**اڻ ڇپيل ڪتاب :**

**انيس انصاري جون علمي ۽ ادبي خدمتون ( پي ايچ ڊي)**
**وڃ (ڪهاڻيون)**
**ٽٽل سپنا ( شاعري)**
**پيچ پني ( مقالا ۽ مضمون)**
**عڪس ( خاڪا)**

**رابطو:**
Malkasoomro15@gmail.com

# پنھنجي پاران

ڪائنات لامحدود آهي، انسان ان جي وسعتن تائين پھچڻ جي ڪوشش ۾ اڄ بہ سرگردان آهي، سندس هيءُ سفر جوڪائتو ۽ مهم جوئي وارو آهي، تنهن ڪان پوءِ ئي هو سُکَ جي ساگر جو سونهون ٿيندو آهي. سندس دنيا جي اها عجب ڪهاڻي، حقيقت، طلسمات ۽ ڪرشمات سان ڀرپور هجڻ سان گڏوگڏ، هڪ طويل ٿڪائيندڙ سفر آهي جنهن ۾ پل پل پيڙا، عذاب ۽ ڀوڳنائون آهن، پر مزي جي ڳالهہ اها آهي تہ دنيا جي هر ڪردار جي نياءَ لاءِ هر چيز اڳواٽ موجود هئي بس هن ڪي هٿي پھچي انهن کي سمجهڻو هو جاچڻو هو ۽ سوچڻو هو.

ڪيڏي نہ عجب ۾ وجهندڙ حالت آهي انسان جي.... خير سان سندس جهان سڀ رنگ ۽ سروپ ڪان انسان آشنا ٿيو ۽ پوءِ هو پاڻ کي پاڻ مان ڳولهڻ جو تمنائي پڻ ٿيو. سندس وجود جي جهلڪ مٽيءَ مان نہ پر سندس وجود جي حصي مان جوڙي وئي جنهن تي ڪنهن جو متفق هجڻ ضروري نہ آهي. ڇاڪاڻ جو اهو بعد جو مسئلو آهي. اڳيان جو ٿيڻو هو سو ٿي چڪو هو خير اشرف المخلوقات جي لقب سان نوازيل هي انسان شروع شروع ۾ تہ پاڻ کي پنھنجي دنيا سان هڪجھڙو ٿيڻ لاءِ پنھنجي شعوري سگهہ کي اپارڻ لاءِ، ان کي ڪڏهن قدرت جي نماءَ ۽ لقائن تي ڇڏيندو تہ ڪڏهن پاڻ سان ڳالهائيندي، ووڙيندي ۽ جهيڙيندي گذران ۾ جنبجي ويو.

سونهن ۽ فطرت جي حسين رنگن ۽ لقائن سان آڏرياءُ ڪيو هو ۽ هڪ دلڪشيءَ جا سندس وجود مان ٿاهي وئي سان سندس پاڇو بڻجي ساٿ ڏئي رهي هئي. پر وقت جي ظالم وهڪري ۾ هلي اهي ٻئي هڪٻئي لاءِ ڪڏهن پيار تہ ڪڏهن پوڄا، ڪڏهن وجود تہ ڪڏهن آتما، ڪڏهن ڪل ڪائنات جي سونهن تہ ڪڏهن لڇمي ۽ مايا ۽ پوءِ ڇايا تہ ڪڏهن آشا تہ ڪڏهن وبا، بلا، ڪروڌ بڻجي پئي. اها ڪا ٻي نہ پر اهو عورت جو وجود جو دنيا جي مها ساگر ۾ پنھنجي ساگر هٿان ڪڏهن ٻُڏندو، جُهرندو ۽ جيئندو رهيو آهي.

جهانن جي ڪل جڳ جي تاريخ جا ورق هڪ سِٽَ ۾ ڪڏهن بہ بيان نہ ٿا ٿي سگهن. جڳن ڪان انسان تاريخ ۾ الميا، حادثا ۽ وبائون هن سان گڏوگڏ رهنديون آيون آهن ۽ ”عورت“ باوجود ان جي پهريون عنصر آهي. سنسار جي جنت ۾ ظلم سهڻ ۽ وفا ڪري ان جي وجود کي بچائڻ ئي سندس پهرين ۽ آخري ڪامنا (خواهش) رهي آهي.

جُڳن ڪان هوءَ انهيءَ جنگ ۾ پنھنجي سچيتائيءَ جي ڪردار کي نڀائي پئي پر سندس وجود ڪنهن قيديءَ ڪان گهٽ جو ناهي. هوءَ سنسار ۽ مرد جي زينت ۽ سونهن هئڻ جي بجاءِ سندس قيدياڻي، باندياڻي، ڪنيز، زرخريد وجود آهي. سو هي تاريخ جي ستم ظريفي جو بيان ئي نہ آهي پر

اڄ جي سڌريل سماج جي منهن تي سواليه نشان ضرور آهي ته ڇا عورت جنهن وجود مان ناهي وئي اهو ته "انسان" آهي "اشرف المخلوقات" آهي پر "عورت" ڪجهه به نه آهي. عورت ڪائنات جو حسين راز آهي ۽ هن سونهن ڀري سنسار جي سونهن آهي. هن ڪتاب جي ڪهاڻين ۾ اسان اڄوڪي دؤر ۾ ٿيندڙ ڪجهه ظلمن ۽ وارتائن جو ذڪر اوهان تائين پهچايو آهي. اسان جي سنڌ جي حالت دنيا جي ٻين خطن ۽ علائقن کان مختلف آهي. سنڌ پنهنجي حسناڪين ۾ بيحد بينظير آهي، سندس اوائلي رخن ۾ هن "سنڌياڻي" عورت جي حالت زار اڄوڪي نه هئي، پر اڄ جي سنڌ جي عورت پنهنجي بقا لاءِ پنهنجي وجود کي ڳولي رهي آهي. سندس ڳولا جاري رهندي جيستائين  ڪيس منزل ملي ۽ هوءَ پنهنجي منزل کي پُڄي. پر منزل تي رَسائيءَ لاءِ اوهان کي ۽ سندس پاڻ جهڙي سرتيءَ کي به پاڻ موڪڻو پوندو ته جيئن اڄ جي سنڌي عورت، سنڌ جي نياڻي، ڌرتيءَ جو قرض  لاهي ۽ پنهنجي وجود سان، پنهنجي دنيا کي انڊلٺي رنگ ارپي ۽ پنهنجي جيءَ کي ڪمزور، هيڻو لاچار ۽ بيوس ۽ باندي نه بلڪه هڪ آزاد وجود جي اڏام هڻي سگهي جتي سنڌوءَ جي جل جا سڀ رنگ هن جا ساڻي ٻڻجي سمبارا کي "ساهه ڏين" ته جيئن هوءَ سنڌ ۽ سارنگ سان سڪائتي ٿي سنڌڙيءَ جو سينگار ٻڻجي سگهي.

هيءَ ڪٿا ان عورت جي درد ڪٿا آهي، جنهن صدين تائين ڀوڳيو آهي، هيءُ ڪتاب ان ڀوڳنا جو عڪس آهي.

ڪتاب جي ڏس ۾ انهن سيني مهربانن جا ٿورا جن هيءُ ڪتاب اوهان جي هٿن تائين پهچائڻ ۾ ساٿ به ڏنو ۽ سهڪار به ڪيو. انهن ۾ خاص ٿورا عيسيٰ ميمڻ جا، جنهن ڀورهيا ڪري، ڪتاب کي بهتر کان بهتر ڪرڻ ۾ ڪوشش ڪيون ته ٻئي طرف ڪتاب کي شايع ڪرائي، اوهان تائين پهچايو. ان کان پوءِ سائين مدد علي سنڌيءَ جا به لک ٿورا جنهن ڪتاب جو زبردست مهاڳ لکيو. ڊاڪٽر عابد مظهر ۽ نثار سولنگيءَ جا اڻ ڳڻيا احسان، جن ڪتاب تي پنهنجي راءِ ڏني. مصور منگيءَ جا به ٿورا جنهن ڪتاب جو خوبصورت  ٽائيٽل ناهي ڏنو.

وڌيڪ اوهان جي راءِ جو اوسيئڙو رهندو.

**ڊاڪٽر آمنه سومرو**

**لاڙڪاڻو**

# مهاڳ

ڪهاڻي/آکاڻي، جو سلسلو انسان سان گڏوگڏ هلندو پيو اچي، داستان گو/آکاڻي وغيره يا ڪٿا ان دؤر جون ڳالهيون آهن، جڏهن انسان، اڃا هن ڪائنات ۾ نئون نئون هو. سندس چؤگرد آسمان پکڙيل هو. تارا، چنڊ، سج، هوا، پاڻي، پکي، اونداهي، سوجهرو، رات ڏينهن ۽ صبح و شام هن لاءِ اچرج ۾ وجهندڙ هئا. رات جو جڏهن ڪائنات تي اونداهيءَ جو راڄ پنهنجا پر پکيڙيندو اچي، ويهندو هو ۽ آسمان تي هزارين ستارا جڳمڳ جڳمڳ ڪندا هئا، اسان تي پنهنجي اسرار جا نت نوان تجلا ڏيندا هئا ۽ اماس راتيون، جڏهن چانڊوڪيءَ ۾ تبديل ٿي وينديون هيون ۽ آڪاس تي ڪي پکي ولر ڪيو اڏامندا هئا تہ انسان باهہ جا مچ ٻاري، ڪٿا/داستان ٻڌندا هئا. داستان گو ڪهاڻي-ڪٿا ۽ ڪائي داستان ٻڌائيندڙ ماڻهن کي پنهنجي ڳالهہ جي اثرات ۾ گم ڪري ڇڏيندا هئا، ان وقت بہ آکاڻي موجود هئي. وقت ان گڏ، ڪهاڻي/ ڪٿا ۽ داستان ٻڌائڻ جو طريقو بہ ايئن بدليو. جيئن انسان ترقيءَ جون ڪيئي منزلون ماڻيندو اڳتي آيو آهي.

سنڌ ۾ ڪهاڻيءَ جي تاريخ، يا ائين ڪٿي چئجي تہ جديد ڪهاڻيءَ جي تاريخ ڪا ايتري پراڻي ڪونهي، بلڪہ اهو وقت هڪ صديءَ جو آهي. هڪ صدي لنگهي ويئي آهي، موجوده جديد ڪهاڻي جي بنياد ڪي. اهو سال 1914ع جو آهي، جڏهن لالچند امر ڏني مل ”حُرمَڪيءَ جا“ ان ڪانپوءِ سنڌي ڪهاڻي جو سلسلو هلندڙ آهي.

ورهاڱي ڪانپوءِ سنڌ ۾ سنڌي نينگرين سنڌي ادب ۾ پير پاتا. ماهتاب محبوب، ثميره زرين، سنڌي ادب جون اولين ڪهاڻيڪار آهن. ان ڪانپوءِ سلسلو وڌندڙ آهي. لاڙڪاڻي جي تاريخي علائقي سان تعلق رکندڙ ڊاڪٽر آمنہ سومرو بنيادي طور تي شاعره آهي ۽ خير سان پي ايڇ.ڊي بہ ڪئي اٿس. ساڳئي وقت لاڙڪاڻي جي گورنمينٽ گرلز ڪاليج ۾ پڙهائي بہ ٿي. علم ۽ ادب سان شوق شروع کان اٿس. انهيءَ ڪري ئي پاڻ، مشهور سنڌي ڪهاڻيڪار محترم انيس انصاريءَ جي فن ۽ فڪر تي تحقيق ڪري، ڪراچي يونيورسٽيءَ مان پي ايڇ.ڊي ڪري، پنهنجي جداگانہ حيثيت مڃرائي اٿس. شابس هجيس جو تدريس سان گڏوگڏ پنهنجي ٻوليءَ سان موهہ بہ جاري رکيون پئي اچي. اهو ئي سبب آهي، جو ڪهاڻين جي ميدان ۾ پڻ طبع آزمائي جو سلسلو جاري رکيو پئي اچي.

هن ڪهاڻين جي ڪتاب ”عورت ۽ احساس“ ۾ سندس ڪهاڻيون شامل آهن. ڪهاڻين جو موضوع عورت ئي اٿس. هن جون لکيل ڪهاڻيون هرويرو طويل ڪونهن، بلڪہ اهي شارٽ اسٽوريز آهن. بهرحال ڪيس ڪهاڻيءَ جي ميدان ۾ اڃا گهڻو پڙهڻو پوندو. جو ڪهاڻي، هڪ وڏو فن آهي، جيڪا عبارت ۽ موضوع جي حساب سان پڙهندڙ کي پاڻ سان گڏ وٺي هلڻ گهرجي. هن جي ڪهاڻين

جو موضوع ته طويل آهي، پر پڌائڻ يعني بيان ڪرڻ جو سلسلو بنهه مختصر آهي. ڇڻ ڳالهه وڏي، پر اها بيان ٿيل بلڪل مختصر آهي.

"نه وسرندڙ سار" ليکڪ جي هن ڪتاب ۾ پهرين ڪهاڻي آهي، اها پرهه جي ڪهاڻي آهي، جنهن جي پڙهڻ دوران ئي مائٽ شادي ٿا ڪرائي ڇڏين ۽ هي ڪهاڻي ٻن ساهيڙين جي آهي. ليکڪ ڪوشش ڪري سونهن جي احساسن کي ويهي ڇنڊيو آهي.

سندس ڪهاڻي "سگهڙ" هڪ ڇوڪري فضيلا جو مختصر داستان آهي، اصل ۾ اڄ به سنڌ اندر نياڻين جي شاديءَ لاءِ هرهڪ ماءُ وٽ خواب ۽ اميدون هونديون آهن، پر اجائي ضد ۽ هوڙ انهن خوابن کي برباد ڪري ڇڏيندي آهي. پراڻا رسم و رواج ۽ تعليم جو فقدان انهن مڙني بيمارين جو ڪارڻ آهن، جيڪي اسان جي سنڌي سماج ۾ صدين کان پيون هلنديون اچن.

سندس هڪ ٻي مختصر ڪهاڻي "پتلي نما زال"، سنجها نالي ڇوڪري ۽ شعيب جي پيار جو مختصر داستان آهن پر شاديءَ کانپوءِ حسب معمول، شعيب به بدلجي، عام مرد ٿي پوي ٿو ۽ پنهنجي محبوبا، جنهن سان هن وهانءُ ڪيو هو عام رواجي گهرواريءَ جي حيثيت ٿو ڏيئي ڇڏي، هي آهي ته مختصر ڪهاڻي پر هن ننڍڙي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ مڪمل ڪهاڻي موجود آهي. خبر ناهي ڇو ليکڪ، ننڍڙي ڪهاڻيءَ ۾ هڪ وڏي داستان کي سموهي ڇڏيو آهي، جڏهن ته پڙهندڙ اجا به وڌيڪ پڙهڻ گهري ٿو.

ڪهاڻي "حاصلات" به حسن آرا جي حياتيءَ جو داستان آهي، جيڪا پڙهي به نٿي ۽ آخرڪار هن جا مائٽ سندس شادي سندس سؤٽ سان ڪري ٿا ڇڏين، جيڪا پڻ پوءِ ائين عام رواجي عورت جي روپ ۾ مومل کي گڏجي ٿي. پر اها به "ميل شاؤنزم" جو شڪار ٿي سندس آڏو آهي. محسوس ائين ٿو ٿئي ته ليکڪ هن سماج ۾ مرد طرفان عورت سان ٿيندڙ اڻنگي ورتاءَ جي خلاف آهي ۽ هن اهڙا ڪيترائي مثال ڏنا آهن، جو سندس ڪهاڻين ۾ مرد کي ظلم ڪندڙ ڏيکاريو ويو آهي.

"پرسنٽيج" ڪهاڻي هڪ مرد جي آهي، جنهن کي نوڪري نه ملي آهي، پر جڏهن هو نوڪريءَ جو آرڊر ڪٽي صاحب وٽ وڃي ٿو ته اهو شخص هن جو دوست هو صاحب ڪائنس پرسنٽيج طلب ڪري ٿو ۽ اهو مسئلو به اسانجي ڊهندڙ سماج جو جزو بڻجي ويو آهي.

"سوچ" ڪهاڻي نماڻي نالي ڇوڪريءَ جي آهي، ڳوٺ جي ماحول ۾ رهندڙ پر پوءِ اتان لڏي پرڏيهه وڃي، پنهنجي ديس جي ماڻهن کي نٿي وساري ۽ ورهين بعد پنهنجي وطن موٽي اچي، پنهنجي ڳوٺ وڃي ٿي، ۽ اتي نياڻين جي تعليم لاءِ اسڪول کولڻ جو عزم ڪري ٿي.

اهڙيءَ ريت ليکڪ جون ٻيون ڪهاڻيون مختصر آهن جن وڌيڪ تفصيل ڏيڻ، يا انهن تي تبصرو ڪري، پڙهندڙن جو وقت ضايع نٿو ڪريان. وڌيڪ پڙهندڙ ئي فيصلو ڪندا ته ليکڪ، پنهنجي ڪهاڻين ۾ جيڪي داستان بيان ڪيا آهن انهن مٿس ڪيترو اثر ڪيو آهي، ڇاڪاڻ ته

فيصلو ڪندڙ تہ پڙهندڙ ئي هوندو آهي.

ليکڪ جي ڪهاڻين جي هن ڪتاب ۾ سندس چئن سٽن واري هيءَ عبارت ”ياد“ ڏاڍي اثرانگيز آهي، جيڪا آءٌ پڙهندڙن سان شيئر ٿو ڪريان:

”زندگي جو اهو نہ وسرندڙ باب هوندو آهي جيڪو ڪڏهن بہ نہ وسرندو آهي، انسان ترقيءَ جي ڪيترن ئي ڏاڪن تي ڇونہ پهچي وڃي، پر هن وٽ هڪ نہ هڪ شبِ غم ضرور هجي ٿو.“

۽ سچ بہ اهو ئي آهي تہ انسان جي زندگي ڏکن، سکن ۽ غمن سان ڀريل آهي. پر انهن ڏکن جي لمحن کي ڪهاڻيءَ جو روپ ڏيڻ، ڏکيو فن آهي. پر هڪ ليکڪ، اهو ڏکيو ڪم سرانجام ضرور ڏئي ٿو. ڇاڪاڻ تہ هر ليکڪ، حساس دل هوندو آهي، ۽ اهو زندگيءَ جي هر پل، ۽ هر ڳالهہ کي ڏاڍي ويجهڙائپ ۽ دوربينيءَ جهڙي نگاهہ سان ڏسي ٿو.

لاڙڪاڻو خود هڪ تاريخي علائقو آهي، هزارين سالن جي پراڻي سنڌي تهذيب جو مرڪز رهيو آهي. هزارين سالن کان اتي سنڌو درياءُ وهندو پيو اچي ۽ ان جي ڪناري تي وسندڙ ماڻهو بہ صدين اهو اتهاسڪ ۽ قديم ورثو پاڻ سان نسل در نسل سانڍيندو پيو اچي. ڊاڪٽر آمنہ سومرو صاحبہ پاڻ شاعري بہ ڪري ٿي ۽ ڪيتري وقت کان سنڌي ادب سان سلهاڙيل آهي. سندس ڪهاڻين جو هي پهريون مجموعو آهي. اميد اٿم تہ لائق پڙهندڙ سندس همت افزائي ڪندا تہ جيئن هوءَ صاحبہ اڳتي بہ سنڌي ادب سان پنهنجو موهہ جاري رکي سگهي.

منهنجي کيس بہ گذارش آهي تہ هوءَ سنڌي ادب جي ڪهاڻي ڪيتر جو مطالعو جاري رکندي اچي، تہ جيئن کيس ماضيءَ جي بهترين ڪهاڻيڪارن جون ڪهاڻيون پڙهڻ جو موقعو حاصل ٿي سگهي.

اميد تہ هوءَ پنهنجي ادبي ذوق ۽ شوق کي آئنده بہ جاري رکندي. ساڳئي وٽ تحقيق جي شعبي سان بہ پنهنجو تعلق جاري رکندي، تہ جيئن اسان کي سندس پي ايڇ.ڊي ڪيل ٿيسز جو مطالعو حاصل ٿي سگهي.

**مدد علي سنڌي**

**ڪلفٽن ڪراچي.**

## پيش لفظ

# عورت جا درد

ڊاڪٽر آمنہ سومرو سان پھريون دفعو منھنجي ملاقات ڪراچي يونيورسٽي جي سنڌي شعبي ۾ ٿي جتي ھوءَ ايم.فل، پي ايڇ.ڊي ڪرڻ لاءِ ابتدائي ريسرچ ورڪ جي ھڪ سال جو ڪورس ڪندي ھئي، ڏسڻ سان مونکي ھي پروقار، پاڻ تي اعتماد ڪندڙ ڇوڪري لڳي. ڪورس ڪرڻ ڪانپوءِ ھيءَ مون وٽ پي ايڇ.ڊي ڪرڻ لاءِ آئي ۽ مون پنھنجو ھٿ ھن جي مٿي تي رکي بہ اھم پاڪ رشتا ھن سان جوڙي ڇڏيا ھڪ پاءُ جو ٻيو استاد جو ۽ ٽيون رشتو ھن جو مونسان جوڙيو اھو ھو اعتماد جو. اھي ٽئي رشتا اڄ بہ قائم دائم آھن.

ھن جي پي ايڇ.ڊي جو موضوع ھو "انيس انصاريءَ جون علمي ادبي خدمتون". سائين انيس انصاري پنھنجي دور جو ھڪ معزز، علمي ادبي شخصيت سان گڏ باوقار، ايماندار آفيسر ھو. سندس پورو خاندان علم و ادب سان سلھاڙيل آھي، جن مان اشتياق انصاري، اخلاق انصاري، ڊاڪٽر اسحاق انصاري ھن دور جا ناميارا ليکڪ آھن.

ڊاڪٽر آمنہ سومرو سنڌي ادب ۾ ھڪ محققہ، شاعرہ ۽ ڪھاڻيڪار جي نالي سان سڃاتي وڃي ٿي. ھيءَ پنھنجي اظھار ۾ ھڪ نھايت پڪي، پختي، پاڻ تي اعتماد ڪندڙ ڇوڪري آھي. ھن مرداڻي سماج ۾ خاص طرح اھو بہ سنڌين جو اھو سنڌي ڇوڪرين لاءِ ڪوڙ سارا مسئلا پيدا ڪري ٿو جن جو اظھار ھن پنھنجي ڪھاڻين/ افسانن جي مجموعي ۾ ڪيو آھي ۽ مرد معاشري جي پوائٽين اکين ۽ جذبن تي لکيو آھي. سندس افسانن جو مجموعو ڊاڪٽر آمنہ جي اندروني احساسن جو لکت ۾ اظھار آھي، ھن جي آڏو سنڌي مرداڻو سماج ڪيئن آھي، ان جو ھن جي تخليقن مان اندازو لڳائي سگھجي ٿو. ھن وقت جي حالتن کي جيئن محسوس ڪيو آھي ايئن ھن لکيو آھي. منھنجي نظر ۾ ھن جو نظريو فلاسفيڪل تاثراتي سماجي عڪسن منجھان ڦُٽي نڪتل احساس آھي. ھن جي لکت جو ھڪ پنھنجو تاثر آھي، ھن جي سيني تاثر نما ڪھاڻين ۾ عورتن جا مسئلا آھن.

ھن جي ڪھاڻين جا ڪلائيميڪس وارا جملا پنھنجي اظھار جي سگھہ رکن ٿا. ھن جي ڪھاڻين ۾ مرداڻي سماج جي تلخي آھي، جنھن ۾ وڏي عمر تائين شادي نہ ڪرڻ جا احساس ۽ انيڪ مرداڻي سماج جا چٽ موجود آھن.

ھن جي تاثراتي افسانن جا ڪجھہ جملا نھايت سگھارا آھن جيڪي زندگيءَ جي احساسن مان لکيل آھن. ڊاڪٽر آمنہ جون ڪھاڻيون زندگيءَ جون ڪھاڻيون آھن، جن مان سندس ھرھڪ جملو ھن جي زندگيءَ جي ڪھاڻي آھي، جن کي پڙھڻ سان ليکڪ جي زندگيءَ جا سڀ درد پَسي سگھجن ٿا. سندس ھر افساني جو آخري جملو ھن جي زندگيءَ جو گھاريل پَلَ جو آواز آھن.

*”سونهن درد جي سمنڊ ۾ غمِ جانان کان غمِ دوران تائين پنهنجي سفر کي ڪاٽيندي رهي ٿي ۽ پنهنجي ننڍي وڏي منزل صبر سان طئہ ڪري ٿي.“*

مون سندس هن جملي ۾ سندس ڪردار کي محسوس ڪيو آهي، جيڪا نهايت صبر سان طئہ ڪندي رهي ٿي، صبر زندگيءَ جو هڪ مِنو قُل آهي، جيڪو هڪ ليکڪ کي دردن سان بسر ڪري زندگيءَ کي گذارڻ پوي ٿو. ”نہ وسرندڙ سارَ“ ڪهاڻي/افساني ۾ زندگيءَ کين گذارجي جو جملو ڇڻ جيون گذارڻ جي ڪا نصيحت هجي:

*”هوءَ زندگيءَ جا باقي ڏينهن زندگيءَ جي سارن ۽ ڪاميابيءَ جي خوشين سان گذاري ٿي، رشتن جي خودغرضي کي ڄاڻي ٻاڻ ئي سوپارو ڪري ٿي.“*

سچ بہ جڏهن خبر هجي تہ هت هر ڪردار خود غرض آهي تہ پوءِ ڪنهن ۾ اميد ۽ آسرو رکڻ اجائي آهي.... .

”سگهڙ“ ڪهاڻي/افساني ۾ هڪ عورت پنهنجي ڌيءَ جي شادي پنهنجي رشتيدار وڏي عمر واري کي ڏيڻ چاهي ٿي.... گهڻو ڪري اسانجي سنڌي معاشري ۾ اها رسم گهڻي پراڻي آهي جيڪا هاڻ ختم ٿيندي بہ وڃي ٿي پر ڪيتريون نياڻيون ان رسم جي ور چڙهي يا تہ ڪنوارپڻ جو درد ڪٽي ٿيون گهمن يا ڏکي ازدواجي زندگي گذارين ٿيون. هن ڪهاڻيءَ جو ڊائلاگ آهي، ”ڪيترو وقت سانت چانئجي وئي، هن ڇڻ ڪنهن انسان نہ پر ڪنهن جانور جي ڏيتي ليتي جي ڳالهہ پئي ڪئي.“

”حاصلات“ ڪهاڻيءَ جو ڊائلاگ ڏاڍو سوچائيندڙ آهي،”عورت شايد شاديءَ تائين خوبصورت هجي ٿي، شاديءَ کانپوءِ عورت لاش ۽ ٻارن ڄڻڻ کانپوءِ گهمندڙ ڦرندڙ لاش بڻجي ويندي آهي.“

”سوچ“ ڪهاڻي/افساني جو هڪ اڳتي وڌڻ وارو ڊائلاگ مون کي وڻيو ”پوءِ هو سڀ گڏجي اڳتي وکون پرڻ لڳا.“ اڳتي وکون کڻڻ هڪ سپاويڪ ڳالهہ آهي. ”پريںءَ جي محبت“ واري ڪهاڻي/افساني ۾ اندر جي سونهن جو ذڪر آهي، جيڪا مون کي ليکڪا جي ظاهري ۽ اندروني سونهن جو ذڪر لڳو. ٻيو هڪ ڊائلاگ جنهن ۾ مردن کان سنئون سڌو نفرت جو اظهار آهي، ”اڙي ڇوريون انهن جي بيانن تي نہ وڃو اهي مرد پنهنجي امڙين، ڌيئن ۽ زالن کي ڪماڙين سان ڪهندا اٿوَ انهن جي خطابن ۽ ظاهري ڏيک تي نہ وڃجو.“

”ٿڌا ساهہ“ عورت خاص طرح اڻ پرڙيل دونهين آهي، ان جا ٽانڊا ڪڏهن بہ ڪونہ وسامندا آهن، شايد ڪڏهن بہ نہ ٿيا“ ”زندگيءَ جو تہ وسرندڙ چيپٽر هوندو آهي، جيڪو ڪڏهن بہ نہ وسرندو آهي.“ هن ڊائلاگ تہ مون کي بہ اڌ ڪري ڇڏيو انسان چاهي ترقي جي ڪيترن ئي ڏاڪن تي پهچي وڃي پر ان جي هڪ شبِ غم ضرور هجي ٿي. شادي شده عورتون ڪنوارين ڇوڪرين تي ايئن پيون تير اڇلائينديون ڄڻ غير شادي شده هجڻ ڪو جرم آهي.

اهڙي طرح ڊاڪٽر آمنہ سومرو جون تاثراتي نموني ۾ لکيل ڪهاڻيون سنڌي سماج جو آئينو آهن تہ اولڙو بہ آهن، جن کي پڙهي سنڌي ڇوڪرين جي مسئلن جي ڄاڻ پئي ٿي، خاص طرح وري اها

عورت جيڪا خوبصورت بہ هجي ۽ شعوريافتہ بہ، پوءِ ان جي زندگي تہ مرد هجن يا عورتون زندگي زهر ڪري ڇڏينديون آهن، اهو زهر هنن ڪهاڻين جي اندر ۾ موجود آهن جن ڪي هڪ وڏي عمر واري غير شادي شده خوبصورت عورت ڪيئن محسوس ڪري ٿي، اهو احساس ڊاڪٽر آمنہ سومرو جي ڪهاڻين ۾ موجود آهي.

آخر ۾ مان ڪيس صلاح ڏيندس تہ پاڻ هڪ محقق بہ آهي تہ ان حوالي سان ڪو اهڙو ڪتاب آڻي، جنهن سان تحقيق جي ميدان ۾ هڪ واڌارو ٿئي ۽ هڪ محقق ليکڪ جو هن تحقيقي ڪيتر ۾ واڌارو بہ ٿئي.

**پروفيسر ڊاڪٽر عابد مظهر**

**ڪراچي**

# مرد جنہ مات ڪيا

مرد جنہ مات ڪِئا، سسئي لنگھئو سو
جبل وڏو جو نوڙِ مڙيئي نيھہ ڪي.

محترمہ ڊاڪٽر آمنہ سومرو لاڙڪاڻي شهر جي هڪ باوقار، نازڪ نفيس ۽ سلڇڻي اسڪالر آهي. ساڻس منهنجي پهرين روبرو ملاقات 8_مارچ 2015ع تي پريس ڪلب لاڙڪاڻو ۾ ٿي هئي جيڪو عورتن جو عالمي ڏهاڙو هو. ان حوالي سان پاڻ عورتن جي حقن بابت تقرير ۾ چيو هيائين تہ "عورتن کي حق ايستائين نہ ملندا جيستائين عورتون پاڻ سڃاڻ نہ ڏينديون." سندس هيءَ ڪهاڻين جو ڪتاب بہ عورتن جي مسئلن کي ئي اجاگر ڪري ٿو.

مان سمجهان ٿو تہ عورتن جي مسئلن، احساسن ۽ تڪليفن کي پوريءَ ريت هڪ سڄاڻ عورت ئي بهتر نموني سمجهي سگهي ٿي. ڊاڪٽر آمنہ سومرو ڪتاب ۾ بيان ڪيو آهي عورت جي احساسن کي، عورت جي ڪمزورين جي سببن کي، عورت جي مجبورين کي انهن کي بهترين نموني نہ صرف سمجهيو آهي پر ڏاڍي خوبصورتيءَ سان ڪهاڻين جي ڪردارن جي واتان چَورايو بہ آهي.

ڪتاب پڙهڻ ڪانپوءِ لڳي ٿو تہ ڊاڪٽر آمنہ سومرو جي، اسان جي سنڌي سماج تي گهري ۽ ڪَرڙي نظر آهي. هڪ ڪهاڻي "پتلي نما زال" ۾ ليکڪ چوي ٿي تہ "ماڻهو پيار ڪري مٽجي ٿو ويچي؟ وڏيون وڏيون دعوائون وقت سان واريءَ جي ڪوٽ جيان ڪِري پون ٿيون. هونءَ تہ محبت جي لباس کي تہ هڪ پيرو پائبو آهي پر اڄ جو مرد هر روز مند مٽائڻ کي ئي محبت ڪوٺي ٿو. اسان جي سماج ۾ محبت جو اصطلاح ۽ اطلاق جو سرٽيفڪيٽ صرف مرد کي ئي مليل آهي تہ پوءِ ان سان گڏ رهندڙ عورت ڪٿي آهي، جنهن لاءِ هن پاڻ سڪڻ جي سڌ ڪئي هئي. جي عورت ايئن محبت ڪري جيئن مرد ڪري ٿو تہ پوءِ هي سماج پاڻ کي ڪٿي ڪٽيندو؟"

ڊاڪٽر آمنہ سومرو جي ڪهاڻين جا موضوع، مقصد احساس، پڙهندڙن لاءِ پيغام هڪ جديد فلسفي ڏانهن پڪو اشارو آهن ۽ اهو فلسفو آهي "عورتا زاد" جو جنهن کي انگريزي ۾ Feminism چئجي ٿو. سادن لفظن ۾ جيڪڏهن عورتا زاد جي تشريح ڪجي تہ هي ٿيندو "عورت ۽ مرد، ٻئي برابر آهن يا ٻنهي کي هڪجهڙا ۽ هڪ جيترا حق حاصل آهن."

عورتا زاد جي فلسفي مطابق مرد ۽ عورت هر لحاظ کان برابر آهن ان ڪري کين زندگي جي هر شعبي ۾ برابريءَ جا حق ملڻ گهرجن. عورتن ۾ مرد جي اطاعت ۽ پنهنجي ذات جي نفي جا رجحان مصنوعي طرح پيدا ڪيل آهن تہ جيئن هو مرد جي خواهش جو پورائو ڪري.

قانون، اخلاقي معيار، محاورا وغيره مرد جا ٺاهيل آهن، جنهن تحت عورت کي گهر جي سونهن، وفا جو پتلو، خدمتگار، شرميلي، پرده دار، مرد جي عزت ۽ غيرت، گهٽ عقل قرار ڏئي کيس هر طرح محدود بڻايو ويو ٿو. ان ڪري هوءَ آزاديءَ کي آوارگي ۽ برابريءَ کي بدتميزي سمجهندي پنهنجي خودمختياري تان هٿ کڻي وڃي ٿي.

عورتا زاد جو فلسفو هڪ مثبت فلسفو آهي پر اسان جي سماج جي مردن ان کي ايترو خراب ڪري پيش ڪيو آهي جو اڪثر پڙهيل ڳڙهيل مرد ۽ عورتون بہ ان جي برخلاف ٿي پيا آهن.

ڊاڪٽر آمنہ سومرو جي ڪتاب جون ڪهاڻيون نہ صرف اسان جي مرداڻي سماج کي وائکو ڪن ٿيون پر عورت جي ڏکن، احساسن، ضرورتن ۽ مسئلن کي بيان ڪن ٿيون.

بيشڪ هي تاثراتي ۽ احساساتي ڪهاڻيون آهن ۽ مان سمجهان ٿو تہ ڪنهن جي احساسن کي سمجهڻ هڪ ڏکيو عمل آهي. پر ڊاڪٽر آمنہ سومرو نہ صرف ڪردارن جي احساسن کي سمجهيو آهي پر انهن احساسن کي انتهائي خوبصورت انداز ۾ بيان بہ ڪيو آهي، ان لاءِ کيس جس هجي.

## نثار سولنگي
## 2018ع

# ڪھاڻيون

# نہ وسرندڙ سارَ

پيار امرت آ.... اهو ئي ”امرت“ جڏهن جدائيءَ ۾ بدلجي ته زهر بڻجي پئي ٿو پر ان پيار جي امرت پيئڻ اصل موڪيءَ ۾ متارن وارو قصو بڻجي پئي ٿو. زندگيءَ ۾ پرهه ۽ سونهن به اهڙي واٽ مان گذريون هيون، سندن جيون بهار مان رڻ بڻجڻ وارو هو. پر انسان کي جيون جي بهارن ۾ اهو پتو ئي نه پوندو آهي ڪيئن نه ننڍپڻ جون سندر ساعتون اسان کان پل ۾ وڇڙي هميشه ننڍپڻ جون يادگيريون، حسرتون ۽ آهون ڏئي وينديون آهن، پر وقت، ها ها وقت جتي سماج جي ظلم جو منصف بڻجي پوندو آهي. اتي ئي اهو وقت وڇوڙي جا ڏهاڳ ۽ انسان جي متجڻ جو وارو به جلد آڻيندو آهي ۽ اهڙي ئي وقت مان گذرڻ واريون هيون پرهه ۽ سونهن. سندن اسڪول کان ڪاليج تائين دوستي رهي. هو ٻئي بيحد نفيس، ذهين ۽ پياريون ڇوڪريون هيون، سندن دوستيءَ جا مثال ڏنا ويندا هئا. پرهه صبح جي پهرين ٿڌڙي روشني مثل هئي ۽ سونهن ته هئي ئي وينس، جيڪا سونهن جي ديوي آهي.

پرهه جي پڙهائيءَ دوران سندس شادي ۽ سونهن جي زندگي المين ۽ حادثن جو ڳن بڻجي پيئي جنهن مان آسانيءَ سان گذري وڃڻ هنن ٻنهي لاءِ وڏو مشڪل مرحلو هو. پرهه ۽ سونهن ٻارهين ڪلاس پاس آئوٽ ڪرڻ شرط ئي سندن نتيجو وڃ بڻجي ڪريو ۽ هنن ٻنهي کي پهريون ڀيرو زندگيءَ پنهنجو اصل رنگ ڏيکاري رهي هئي ته وڇوڙا به ڪي زندگيءَ جا ٿيندا آهن. زندگي صرف ٻاروتڻ کان نوجوانيءَ تائين جي، ٻالڪپڻ کان نازن سان پلجڻ، ذهانت ۽ صرف پيار جو نالو نه آهي. پر اها زندگي ئي آهي ۽ اهو وقت ئي آهي جيڪو اسان کي الميا، حادثا، وڇوڙا، متجڻ، بهتر ۽ ابتڙ ٿي حالتون ارپي ٿو ۽ انسان کي زندگيءَ جي وزن جي خبر پوي ٿي. سونهن، ڏاهپ جو ٻنڊار هئي. سندس سونهن وينس ديوي جيان هئي. پر.... ايندڙ وقت پرهه کان به وڌيڪ سندس ڏاهي دوست سونهن ۽ سندس وجود لاءِ ٽريجڊي آڻي رهيو هو.....!؟ پر جتان شروعات ٿي هئي، اهي مشڪل گهڙيون سهڻ نه صرف مشڪل پر مصيبت بڻجي پيون هيون. ٻارهين درجي جي نتيجي انهن کان دوستي جهڙو پاڪ ۽ اعليٰ رشتو کسي ورتو هو. اهي ٻئي حيرت جي احساسن ۾ هڪجهڙين ڪيفيتن ۾ مبتلا هيون ۽ پنهنجي اندر نراسائي هڪٻئي تائين پڄائي رهيون. اچانڪ سونهن سندس هٿ تي هٿ رکي چيو هو”ڪو مسئلو نه آهي پرهه؟“.

”مان تنهنجي سليڪشن تي تمام گهڻو خوش آهيان ۽ پوءِ به اسان ٻئي گڏ هونديون سين.“ پرهه خاموش رهي! ۽ پوءِ جڏهن اهي هليون ته انهن جا پير پاڻهي نه چاڻ ڪلارڪ آفيس ۽ ڪاريڊور ۽ پوءِ لان ڏانهن هلندا رهين. سندن مارڪ شيٽون ڪين پنهنجي پنهنجي هٿن ۾ هيون. پرهه جون مارڪون اي ڪلاس جون ٽاپ مارڪون هيون، جڏهن ته سونهن هن کان ٻن مارڪن تان گهٽ هئي.

هوءَ بنهہ خاموش هئي ۽ سونهن اهڙي خاموش هئي ۽ سونهن جي اهڙي خاموشي ڪنهن جي بہ پسند نہ آهي، سندس پنهنجي بہ نہ. هوءَ اهڙي خاموش جنهن ۾ بہ انسان هڪ ٻئي کان الڳ هجن، انهن کي اداس ڪري وجهندي آهي تہ پوءِ ڪيئن هوءَ پنهنجي هڪڙي سهيلي کي ايڏي گنڀير تا ڏسي سنگهندين تنهن ڪري سونهن تسلي وارو حصو ادا ڪندي، پنهنجي اداس پرهہ کي چيو"پرهہ ان ۾ اداس ٿيڻ جي ڪابہ ڳالهہ نہ آهي، تون ۽ مان هر چيز کي منهن ڏيئي سگهون ٿا، پنهنجن همتن ۽ حوصلن سان. " پرهہ چيو "سونهن اسان ٻئي هڪٻئي کان سوا ڪيئن رهي سگهنديون سين؟"

"مان توکي اڪيلو نہ ٿي ڪري سگهان؟ اسان ٻنهي جي هڪٻئي سوا ڪنهن ٻئي سان دوستي بہ نہ آهي ۽ توکي مان ڪيئن اڪيلو ڪريان؟ مون کان نہ پڇندو ۽ تون ٻڌاءِ تون مون کان سواءِ ڪيئن رهي سگهندينءَ، تون تہ مون کي ئي پنهنجي دوست مڃيندي آهين ۽ صرف مون کي ...."

سونهن اداس ٿيندي "پرهہ اسان جي گهر ۾ ٽيليفون آهي تہ اسان جو پاڻ ۾ رابطو رهي سگهندو، تون بس خوشيءَ خوشيءَ سان ميڊيڪل ڪاليج ڏانهن اچڻ جي تياري ڪر. اها تنهنجي مون تي مهرباني ٿيندي، پرهہ مان توکي خوش ۽ ڪامياب ڏسڻ گهران ٿي."

پرهہ چيو "ڏسجانءِ سونهن اسان ٻئي هڪٻئي کان جدا ٿي ڪٿي اڪيليون نہ ٿي وڃون.... ۽ خاص طور "تون" سونهن هون.... ائين ٿي سگهي ٿو؟ پرهہ ائين بہ ٿي سگهي ٿو. دنيا ممڪنات جو نانءُ آهي..... پر پوءِ مون کي تنهنجي خوشيءَ لاءِ ۽ تنهنجي سهڻي مستقبل لاءِ اهو سڀڪجهہ برداشت ڪرڻو پوندو ۽ شايد تون بہ ساڳين ڪيفيتن ۾ رهين ..... ۽ شروع ۾ ميڊيڪل ڪاليج تو لاءِ نئون هجي پر پاڻ کي آهستي آهستي ان ماحول ۾ ايڊجسٽ ڪري وڃجانءِ."

اهي سندن الوداعي ملاقات جا آخري جملا هئا، جنهن ڪانپوءِ بهرطور "هنن" کي پنهنجي پنهنجي زندگيءَ جي رستن تي هلڻو هو. سونهن جي گريجوئيشن جي ڪلاسن جو آغاز نہ ٿيو هو پر پرهہ ميڊيڪل جي شاگردياڻي بڻجي، پنهنجي والدين سان گڏ وڃي پنهنجي داخلا جي طريقہ ڪار کي وڏايو ۽ هڪ نئين وک جيڪا عزم ۽ مستقبل سان ڀرپور هئي ڏانهن وڌي ان کي پنهنجو ڪيو ۽ مستقبل ۾ صرف ۽ صرف بهترين ڊاڪٽر ٿيڻ جي خواب کي سامهون رکيو.

انسان جي سمورن رشتن ۽ دعوائن کي وقت پرکي اسان کي اها پرک ڏيندو آهي جو اسان پوءِ.... سمجهندا آهيون.... تہ ڪليلءِ بند اکين جا سمورا خواب اجايا هوندا آهن.

چوندا آهن "جو چلهہ تي سو دل تي" وقت جي دوري ڏاڍائي بڻجي اهي وٿيون پيدا ڪندي آهي جيڪي پهريان عذاب، ايذاءَ، پيڙا ۽ پوءِ ڪڏهن بہ نہ پرجڻ جا گهاوَ بڻجي پوندا آهن.

پرهہ پنهنجي گهر ۾ صبح جي ٽڏڙي هير مثل هئي تہ سونهن تہ هئي ئي وينس. سونهن، عقل ۽ ڏاهپ جي ديوي هئي. سونهن ۽ پرهہ جا گهراڻا روايت پسند گهراڻا هئا پر انهن ٻنهي گهرن جو ناهي گوهر ماڻڪ موتين جيان هيون.

هنن ٻنهي کي نہ صرف ٻنهي روايتن سان پيار هو پر ان سان گڏوگڏ هو ٻئي جدت کي پڻ پسند ڪنديون هيون. سندن ارڙائپ جو ويجهو سايو انهن تي اچڻ وارو هو ۽ انهن ٻنهي کي پنهنجي پنهنجي خيالن روايتن ۽ جدت سان گڏ ڪٺي هلڻ جو پڪو پهہ ڪري ورتو هو. جنهن کان دنيا اڻ واقف هئي.

پر سونهن کي ڪجهہ ڪجهہ ڄاڻ پئجي رهي هئي. بهرحال هو وقت سان گڏ ڪڏهن سهانجڙيءَ جي ڇانوَ ڪڏهن نم جي ڇانوَ بيد مشڪ جهڙي نزاڪت، ڪان پپل جي جي ڇانوَ جهڙين روايتن مطابق ٻڌجي پيون ۽ زندگيءَ جي تيش کان پنهنجن کي ۽ پاڻ بچائڻ جي ڪيائون. پرهہ ان سلسلي پنهنجي والدين جي چوڻ تي شادي، تعليم ۽ ٻارن جي صورت قرباني ۾ ڏئي، آخرڪار ذات جي قيدي وهڪري ۾ خواهشن، جي پورائي ڪئي ۽ پنهنجي ماءُ جي اسٽيٽس تي بہ پرا قربان ٿي. اسٽيٽس جي ڇانوَ کي سيڪجهہ ڄاڻو ۽ پنهنجي اوائلي زندگيءَ اديس رشتن ۽ سڀ کان وڏيڪ سونهن کان پري هلي وئي. جڏهن تہ سونهن زندگيءَ جي ڏرتتين کي منهن ڏئي ٿي، ايستائين جو هوءَ سڳنڌ ۽ سرهاڻ، گلاب، موتيو، رابيل ۽ سوسن، مگرو ۽ مارح ٻڌجي پئي ٿي پوءِ بہ دردن جا درياءَ سمنڊ ٻڌجي پون ٿا.

پرهہ جي شادي ميڊيڪل جي چوٿين سال ۾ ٿي ۽ سونهن اڪيلائين ۾ قلم، ڪتاب، ڏرتي ۽ سرتي سان دل لڳائي محبت لافاني جذبي جي آڏار تي مامتا کان شفقت تائين، دوستيءَ کان ويندي پيار جي جدائي ۽ ان جي معراج تائين هجر ۽ وصال جي وارداتن تائين، اڪيلائين جي رڻ کان حقيقي محبوب جي سرمستي عشق تائين پهچي ٿي.

سونهن درد جي سمنڊ ۾ غمِ جانان کان غم دوران تائين پنهنجي سفر کي ڪاٽيندي رهي ٿي، پنهنجي هر ننڍي وڏي منزل صبر سان طئي ڪري ٿي. ڪڏهن ڪڏهن سونهن ٿي روئي ٿي، رَڙي ٿي، پوءِ بہ پنهنجي بنياد جي پاڙن کي نہ ٿي ڇڏي. آخر سندس شمار نہ صرف سونهن راڻين ۾ ٿئي ٿو پر هو ڪاميابين جا ڪجهہ قدم اڳتي پري پنهنجي نانءَ کي پنهنجي ڏرتيءَ جي سرتين منجهہ شامل ڪرائي ٿي ۽ پوءِ اڪيلايون ئي سندن رشتا، ناتا ٻڌجي پون ٿيون ۽ هوءَ زندگيءَ جا باقي ڏينهن زندگيءَ جي سارن ۽ ڪاميابين جي خوشين سان گذاري ٿي ۽ رشتن جي خودغرضي کي ڄاڻي پاڻ کي سوپاري ڪري ٿي. پوئتي صرف پوڳنائون ۽ پوڳنائن جون يادون رهجي وڃن ٿيون.

**

# سُگهَڙ

فضيلا پنهنجي ماءُ جي اڪيلي ڌيءَ هئي، سندس ماءُ ٽيچر هئي ۽ پيءُ هوٽل جو مئنيجر، جيڪو سندس دوست جو هئو. فضيلا جي ماءُ چڱي پڙهيل ڳڙهيل ۽ سمجهدار خاتون هئي پر سندس ساهراڻو ۽ پيڪاڻو گهر ڄڻڪ هڪ ئي وقت وڏي گهراڻي جي مالڪياڻي هئي ٻنهي طرفن ڏانهن.
مائي سمجهدار هئڻ سان گڏ ڪنهن قدر جواني ۾ خوش شڪل پڻ هئي، نظر محمد، فضيلا جي پيءُ جي وڏي دل هئس. پنجن ٻارن منجهان فضيلا سڀن کان ننڍي، چار ڀائر وڏا هئس پر فضيلا ۽ نذر محمد جو سموريون خوشيون ڄڻ تہ فضيلا هئي. سندس ناز ۽ نخري، تعليم ۽ تربيت، پيار ۾ ٻنهي وسان ڪونہ گهٽايو هو. جيتوڻيڪ هو ڀين پٽن کي بہ تمام گهڻو پيائيندا هئا. پر فضيلا تہ سندن نياڻي هئي، سندس هر ضرورت کي پورو ڪيو ويندو هو، ماءُ سگهڙ تہ ڌيءُ بہ سگهڙ ۽ سلڇڻي سو فضيلا کي سندس امڙ هر طرح سان سنواري سينگاري وڏو ڪيو تہ اصل مائي جي مٽي ۾ اچي جونءَ پئي سو هيڏانهن نهاري هوڏانهن نهاري تہ بہ مائي اها ئي اوک ۽ ڊوک تہ بس فضيلا هاڻي وڏي ٿي وئي آهي.
مان پنهنجو فرض پورو ڪيان ۽ ڪيس شينهن ڪلهي چاڙهيان، سماج ۾ جتي عورت کي مرد مڙس جي حيثيت ۾ سڀڪجهہ ۽ سڀ گهر گهر جا گورننگ پاور ڏيندو آهي ۽ مائي جي ئي ٻڌندو آ تہ مائي، بس آپي مان نڪرندي ۽ اهو ڪري ويهندي جيڪا سندس حاڪميت جي سوچ ۽ رڳ ظاهر ٿي پوندي آهي. بس پوءِ مڙس بہ ويچارڙو ٿي گهمندو نہ تہ اڳتي ماني ڳيپي لاءِ بہ سڪائيندس، پئسي ڏوڪڙ کان بہ ويندو ويچارو. دوست دوڙين بہ پئي پڇندس تہ ادا ڏسوس حال ويچاري جا اصل مائيءَ جي اڳيان تہ هلي ئي ڪونہ ٿي. سو نظر محمد بہ ڪئي بس، جيڪو ڪري فضيلا جي ماءُ ..... ۽ فضيلا جي ماءُ کي وٽي ٿاهہ ٿوهہ، پئسو پائي... حسب نسب يا مٽي جا لشڪارا تہ مان فلاڻي نسب جي آهيان..... آهي ڪو ڀيو جو اسان جهڙو جسو رکي نہ تہ ادي اميران ..... اهي ماٺهو وڏا ڪمينا اٿئي ..... اسان تہ ادي پنهنجن کان سوا ڪٽي نہ ڪيون، پنهنجا ماري بہ ڇانوَ ۾ اڇلائين پرايا......... سو منهنجي فضيلا تہ وڏن نازن سان پالي اٿئي.
”ادي بس تون ڀيهر تڪليف نہ ڪجانءِ“ فضيلا جي ماءُ چانهہ جا بہ ڪوپ ۽ بسڪوٽ ٽيبل تي رکندي اميران کي چيو.
اميران چيو تہ ”مائي ڪو آسرو اٿئي، تڏهن پئي ٿي جواب ڏينمر... ادي وچي پاڻ چاڻ .... پلا ٻڌائينمر تہ پوءِ ڪٿي آهن تنهنجا ارادا .... “
”اميران مان تہ پنهنجي فضيلا ڪو گهر کان ٻاهر ٿوروئي ڏيندس. ادي منهنجو تہ هنيانءُ ڦاٽي

پوندو...“
”جيئي شال..... ڪهڙي نہ نماڻي آ منهنجي ڌيئڙي...“
”ها تہ پوءِ مان بہ تہ تو ڏانهن ان ڪري اهو رشتو آندو آهي... وڏيڪ تنهنجي مرضي... ادي... ماڻهو تہ هي بہ ڀلا هيئي ڇوڪرو پڙهيل لکيل ۽ انڪم ٽيڪس ۾ آفيسر پڻ آهي. حسب نسب ۾ چڱي پوش وارا هيا.“
”ادي نہ نہ اميرا! پرايا پرايا آهن.“ فضيلا جي ماءُ وراڻيو.
”تہ پوءِ ڀلا ڪڙڪ تہ ڏينم تہ تنهنجي ڪٿي مت منجهي آ، آخر تون ڪٿي ڏيڻ ٿي چاهين؟“
”ادي پاڻ تائين رکجانءِ بس منهنجا ارادا اٿئي پنهنجي ماسات ڏانهن .....“
اميران ”هان... هان ڇوي ڇا پئي..... ائي ادي تون پڙهي لکيءَ جون بہ متيون منجهيل تہ پوءِ اسان جهڙين جو ڪهڙو ڏوهہ جن اسڪول ڏٺو ئي ڪونہ مائي....“
”ڀلا تنهنجي ماسات ۾ ڪهڙا سرخاب جا پَرَ آهن، اڙي اِن جي عمر تہ ڏس، پنهنجي فضيلا تہ هن جي ڌيئن جي برابر آهي.....“
فضيلا جي ماءُ ”بس ادي منهنجي ماسات مُئي ماسيءَ جي نشاني اڪيلو ڇوڪرو..... ڪو نہ اٿي! .... سواءِ منهنجي، سو ڪمائي بہ جام ٿو.... ڪاروبار ڪپڙي جو جام پيو هليس. واپار وڙوتہ وڏندڙ پيو تہ پنهنجو آهي. نظر محمد ڪي بہ ڳڻَ تي هنيو اٿم. ادي هاڻي توکي خبر پئي سو ٻيلي خدا ڪي مچ، ايئن نہ ٿئي تہ ملڪان ملڪ ڪٽي مشهور ڪرين.“
”ائي مائي تنهنجي آهي ڌيءُ، شي بہ تنهنجي- وئي آئينو ڏسي، مت ڪسي، سو جيئن وڻئي تيئن ڪر. اڳتي جو بہ سوچ، زماني جي مائي، اولاد جو بہ سوچ.... ڇوڪري تنهنجي پٽسو پيي ٿي پر ..... اسان جو ڇا ..... وڃي ڪڏ ۾ پئو.....“
ڪيترو وقت سانت ڇانئجي ويجي ٿي. هن جڻ ڪنهن انسان نہ پر جانورن جي ڏيتي ليتي لاءِ ڳالهہ پئي ڪئي.

**

# پتلي نما زال

ماٺھو پيار ڪري مٽجي ٿو وڃي، وڏيون وڏيون دعوائون وقت سان واريءَ جي ڪوٽ جيان ڪِري پون ٿيون. ھونءَ تہ محبت جي لباس ڪي تہ ھڪ پيرو پاڻبو آھي پر اڄ جي محبت ھر روز بند مٽائڻ ڪي "محبت" ئي ڪوٺي ٿو. اسان جي سماج ۾ محبت جو اصطلاح ۽ اطلاق جو سرٽيفڪيٽ صرف مرد ڪي ئي مليل آھي تہ پوءِ ان سان گڏ رھندڙ "عورت" ڪٿي آھي. جنھن لاءِ ھن پاڻ سڪڻ جي سڏ ڪئي ھئي، جي عورت ايئن محبت ڪري جيئن مرد ڪري ٿو تہ پوءِ ھي سماج پاڻ کي ڪٿي ڪٽيندو.

سنجھا سان پيار ڪندڙ تمام خوش شڪل، خوبرو رعبدار ۽ شان شوڪت رکندڙ ھن سماج جو فرد ۽ مرد ھو. اسان جي سنجھا کي ڏسندي ئي چريو ٿي پيو ھيو..... اصل "ديوانو" مجنون وانگيان ... سنجھا سان بہ ساڳي ئي وارتا ھئي. شعيب جي پيار ۾ ھوءَ پنھنجي ننڍپڻ جي سھيلين کي بہ وساري چڪي ھئي، ۽ پوءِ آخرڪار جيئن ٿيندو آھي ٻنھي خاندانن، شعيب ۽ سنجھا جي رضامنديءَ سان شادي بہ ٿي وئي ۽ ھاڻي اسان جي سھيلي اپسرائن جي ديس جي ھڪ اپسرا بڻجي سندس نانءَ کي ھٿن، لبن ۽ دل جي تحرير سان ليڪ مڪمل طور تي مسز شعيب بڻجي ھڪ وڏي اسٽيٽس واري زندگيءَ ۾ داخل ٿي چڪي ھئي، حد تہ ايتري ڪئي ھٿائين، جنھن جي ھن کان اميد نہ ھئي.

ھن پنھنجي شاديءَ جي انھيءَ سھڻي ۽ سندر خوشيءَ ۾ پنھنجي ڪنھن بہ سھيليءَ کي نہ گھرايو ھو. سنجھا جي سيني سھيلن کي ان ڏينھن ياد ڪيو ھو ۽ ھوءَ پڄارو ۾ رخصت ٿي سندن شھر ئي ڇڏي ھلي وئي ھئي. پر وقت وڏو بي رحم ۽ محبت جو ڊونگ ان کان بہ قاتل ھوندو آھي. سنجھا بنيادي طرح روايتي ڇوڪري ھئي..... پر شعيب بنھہ ان جي ابتڙ. سنجھا جھڙي ماھہ پري ڪجھہ سالن ۾ شعيب جي گھر ۾ اجنبي ۽ اوپري ٿي پئي، چاڪاڻ جو ھوءَ ھاڻي سنجھا سندس زال ھئي ۽ شعيب پنھنجي خالي محبتي خول ۾ ھن کان سڀڪجھہ وٺي چڪو ھو. بس ھاڻي ھوءَ ھن جي گھر ۽ دل جي گھر ۾ ھڪ پتلي نما زال ھئي جنھن کي پنھنجي شعيب جي ھر ضرورت، سندس گھر ۽ ٻار سڀڪجھہ تہ سنڀالڻو ھو نہ ھيو تہ ڪوئي فرض صرف شعيب جو نہ ھو جنھن ھن کي ڪوڙي محبت جي دعويٰ ڪري سندس شخصيت اعتماد بہ کسي ورتو ھو.

جڏھن ھڪ ڏينھن ان جھڙي ئي وجود کي گھر وٺي اچي ھن جي سامھون چوي ٿو توھان ڪچن ۾ وڃو ۽ ترت چانھہ ۽ مانيءَ جو بندوبست ڪريو ڏسو نہ پيا مھمان آيا آھن، سي بہ پري کان .....!!!

ان وقت سنجھا پاڻ کي بلڪل بہ پتلي سمجھڻ شروع ڪيو. جنھن جون ڏوريون مردن جي

**آگرين ۾ هونديون آهن ۽ مرد جڏهن چاهين ۽ جيئن چاهين ڪيڏائي سگهن ٿا.**

**❋❋**

# حاصلات

منهنجي ملاقات هن سان پندرهن سالن ڪانپوءِ ٿي رهي هئي، جڏهن پاڻ ٻئي جدا ٿيون هيونسين. تڏهن اسان جي عمر 10 سال هئي. پندرهن سالن ڪانپوءِ 25 سالن ۾ اسان جي عمر داخل ٿي چڪي هئي. سو مون لئہ حيرانگي ۽ هن لاءِ بہ حيرت وجهندڙ هو. نو نو بلڪل نہ. ڪيئن هڪ شهر ۾ رهندي بہ انسان هڪٻئي لاءِ پرديسي بڻجي پوي ٿو.... سو.... ڇو.... گهڻا ئي سبب آهن. سڀ کان وڏو سبب آ هڪٻئي کان لاتعلقي رکڻ، دليلون ۽ ڪارگذاريون ذهني ليول ملي تہ ٺيڪ نہ تہ انسان ڏاڍو آهي. ڇاڪاڻ جو جنهن هن کي ٺاهيو سو بہ ڏاڍو آهي. سڀ رنگ ڏنا اٿائين....

ننڍپڻ کان وٺي وڏي لاءِ تائين هر رشتيءِ هر تعلق ۾ ويجهڙائي قائم رهڻ جا اسباب اهي آهن تہ انهن ٻنهي جي شين متعلق اپروچ ساڳي نہ تہ گهٽ ۾ گهٽ سليڪشن ساڳي هجي. حسن آرا ۽ منهنجي وچ ۾ ويڇا بہ ايئن ئي ٿيا هئا. هوءَ منهنجي گهر ۾ منهنجي حيثيت يعني بلڪل مون جيان ڏيءَ سمجهي ويندي هئي ۽ مان هن جي گهر ۾ پيار جي قابل سمجهي ويندڙ سمجهدار ۽ ڏاهي سمجهي ويندي هئس. پر سندس ناني مون کي حسن آرا جي جڳهہ تي سمجهندي هئي سندس گهر ڀاتين ۽ اوڙي پاڙي وارا سڀ مون کي سونهن ۽ پيار جو مرڪب ۽ ذهين سمجهندا هئا. جڏهن تہ حسن آرا جي خوبين ۾ سندس ٻاراڻي سونهن سوا ٻيو ڪجهہ نہ هئو ۽ نہ هوءَ وڏن جو چوڻ وٺندي اسڪول ويندي هئي ۽ نہ راند ڪيڏڻ کان مڙندي هئي. سندس هٿ تي سڄو ڏينهن رانديڪا، ٺڪرين وارا ٿپا ۽ ٻئي هٿ ۾ ........ جا ڪٽاڻ وارو ڪاغذ جنهن کي هوءَ ڪائيندي ۽ واپرائيندي رهندي هئي. سو انهن ڳالهين ڪري سندن نانا بابا، ناني امان ۽ سندس امڙ ڏاڍا پريشان رهندا هئا. حسن آرا سهڻي تہ هئي پر عقل کان ڪڏهن بہ ڪم نہ وٺندي هئي. ڪوئي بہ ڪجهہ بہ سمجهائيندو هئس تہ هوءَ چپ ڪري ٻيهي رهندي هئي ۽ دڙڪا کائي ڪسڪي وري ڪيڏڻ هلي ويندي هئي.

اسڪول کان پري رهڻ، سيپاري جو سبق پڙهڻ تي هن کي ٻاجهہ جو ٻرو چڙهي ويندو هو. باقي ڪا سهيلي جيڪڏهن هن سان سڄو ڏينهن راند ۾ گذاري تہ پوءِ حسن آرا خوش خوش رهندي هئي. هن جو پيءُ سدائين ٻاهر رهندو هو. ڇاڪاڻ جو هو ٽيڪسي ڊرائيور هو. جنهن گهر ۽ ٻار تي پيءُ جي تربيت ۽ ڪشش جو پرتوو گهٽ هجي اهو ٻار ۽ گهر ڪڏهن نہ ڪڏهن ٽٽي سگهي ٿو. ڇاڪاڻ جو اسان جو سماج "مرد" جي آڌار تي بيٺل آهي، نہ ڪي ماءُ جي. سو ايئن تہ ٿيڻو هو حسن آرا هڪ ڏينهن مون کي چيو هو. "ڏس مومل تنهنجي ڪري مان گهر ۾ هر روز دڙڪا کاوان ٿي، تون پلا روز اسڪول ڇو ويندي آهين؟ تون اسڪول کان گسائيندي ڇو آهين؟ توکي اسان سان مزو ڇونہ ايندو آهي؟ اسان تنهنجيون سهيليون نہ آهيون؟ راند روند ڪرڻ ۾ توکي آرام نہ ايندو آ؟ ڇو؟؟ سڄو ڏينهن ڪتاب

پڙهڻ ۾ ڪهڙو مزو آهي؟“

مان ان وقت پنجين ڪلاس ۾ هئس چاهيم پئي تہ سندس هر سوال جو جواب ڏيانس پر سيني سوالن جو صرف هڪ سوال هيو ”توکي تعليم، اسڪول ۽ ڪتابن سان پيار ڇو آهي؟“ بس پوءِ انهيءَ سوال جو جواب ڏيندي مون ان کي چيو تہ ”اڄ ڪانپوءِ تون ۽ مان سهيليون نہ آهيون. نہ تون مون ڏانهن ايندي ڪر ۽ نہ مان توڏي ايندي‌س. ڇاڪاڻ جو توکي پڙهائي سان ڪابہ دلچسپي نہ آهي. پر تون اڳتي وڏي ٿي پڇتائيندينءَ.“ ۽ پوءِ ٿيو بہ ايئن هوءَ منهنجي پياري دوست هئي ننڍپڻ جون خوشيون انسان کي اهو سرمايو هونديون آهن جنهن جي آڌار تي وڏي ٿيڻ جا ڏک سٺا ويندا آهن. تنهن لاءِ تہ هر ڪنهن کي ننڍپڻ عزيز ۽ پيارو لڳندو آهي.

سو اسان جو بابا جو هڪ مل ۾ ڪم ڪندو هو تنهنجي مل جي نئين ڪليل سيڪشن ۾ ٽرانسفر ٿي ۽ ائين اسان بئي گهٽو پري هليون ويوسين. جنهن ڏينهن اسان اتان بئي شهر جي وڃڻ جي تياري ڪري رهيا هئاسين مون ان ڏينهن حسن آرا کي ڏاڍو ڳوليو پر هوءَ نہ لڌي. مون سندس گهر وڃي سندس نانا ناني ۽ امي جنهن کي وري مان ادي ڪوٺيندي هئس موڪلايو ۽ سندس لاءِ گهڻا سلام ڏنا. ڏکاري دل سان اسان اهو شهر ڇڏيوسين. تن ڏينهن ۾ انسان جا انسان سان لاڳاپي جا ذريعا صرف خط پٽ هئا ۽ سڀ کان وڏي ڳالهہ دل جي آهي. پر منهنجي دل تہ هن سان هئي پر پوءِ بہ مان هن کي ”ڪونہ پڙهائي سگهيس“ ڪوئي بہ هن کي ”ڪونہ پڙهائي سگهيو“ ۽ نتيجي ۾ هوءَ اٺ درجا پڙهي گهر ويٺي. سندس تعلق بروچ خاندان سان هو سو هاڻي جڏهن هن کي پاڻ سان ڪيل بري پلي جي خبر پئي تہ هن جو گهر کان نڪرڻ بند ٿيو.

حسن آرا سهڻي تہ هئي ۽ مانيڻي پڻ پر هاڻي اندر جو جيءُ هن سان نہ هيو. سندس رشتو بغير پڇا ڳاڇا جي سندس سئوٽ سان طئي ٿيو ۽ پوءِ هن پنهنجو پاڻ وڏي ۽ پنهنجي ننڍپڻ جي دوست کي ياد ڪري ڏاڍو رُنو هو. جڏهن هوءَ مون سان ملي تہ سندس سڏڪا هئا جو بس نہ پيا ڪن ۽ پوءِ هن پنهنجي شادي شده زندگي ڪجهہ ڏکاري انداز ۾ بيان ڪئي؛ پر مون کي ايئن لڳو ڄڻ هوءَ شادي هوندي زنده لاش بڻجي وئي آهي.

مان جڏهن هن جي گهر اندر داخل ٿيس تہ پهريان پڇيم هي حسن آرا جو گهر آ.... شڪ ۾ پوندي ها ۽ ڪجهہ قدر سڃاڻيون جيڪو مون کي سندن چهرن مان معلوم ٿيو ۽ ايئن سامهون بيٺل سندس ننڍي ڀيڻ جيڪا منهنجي هم نام آهي سا مون کي ڏسڻ شرط ڊوڙندي اچي مون کي ڳل لاتو باجي، آپي، ڀيڻ توهان اسان جي ڀيڻ آهيو نہ .... مون اوهان کي صحيح سڃاتو نہ. مون چيو. ”ها راڻي بلڪل صحيح، تون ڪيڏي نہ وڏي ٿي وئي آهين، حسنہ ڪٿي آهي.... توهان سڀ هتي شفٽ ٿي ويا آهيو؟؟ مون توهان کي ڪيڏو ڳوليو آهي؟“

”ها هي منور جو ساهراڻو گهر آهي. باجي اندر آهي، هوءَ مون کي هٿ کان وٺي اندر وٺي وئي.....

وائيٽ چادر ۾ سهڻي ۽ اڇي چٽ رنگ تي سندس "حسن آرا" نالو هن وقت بہ فٽ پيو اچي. هوءَ جڏهن مون سان ڳلي ملي تہ ننڍپڻ کان وڏي لاءِ تائين جا سڀ درد اسان ٻنهي جي اکين مان لڙڪن جي صورت ۾ وهي هليا ۽ پوءِ اسان اتي ئي ويهي رهياسين.هوءَ مون کي جيئري ستي ٻڏيل محسوس ٿي ۽ منهنجي من کي بہ هوءَ بلڪل سمجهي وئي. اجهاميل اجهاٽيل انتظار زندگي جي ڪجهہ سالن جو هجي پر هئو صدين جي پيڙا ۾ گذرندو آهي ۽ حسن آرا شادي شده هوندي بہ اجڙيل هئي. سندس چهري تي ڪا خوشي ۽ سندن لبن تي ڪا لالي نظر نہ آئي. سندس ور گڏ هوندي بہ سندس جو نہ آهي. ٻڌايائين مون کي خبر نہ آهي؟شاديءَ کي ڏهہ سال ٿيا آهن پر هو مون سان ڳالهائڻ بہ گوارا نہ ڪندو آهي. منهنجي هٿ جي ڪابہ چيز نہ وٺندو آهي. بس مان زنده لاش آهيان، جيڪو پيو ساهہ کڻي. اسان جي روايتن کي تہ تون ڄاڻين ٿي، بس سڀڪجهہ اهو ئي حاصل ٿيو اٿم. شايد عورت شادي تائين خوبصورت هوندي هئي، شاديءَ کان پوءِ عورت لاش ۽ ٻارن ڄڻڻ کان پوءِ گهمندڙ ڦرندڙ لاش بڻجي ويندي آهي.

**

# پرسنٽيج (Percentage)

سارنگ پنهنجي ڪمري ۾ پنهنجي پراڻي اسٽڊي ٽيبل (Study Table) ۽ ڪرسيءَ تي ڪنهن قدر پراڻن ڪتابن جي ڍڳ کي اڳيان رکيون، بہ چار اڇن پنن ۽ هڪ ڊالر پين سان پنهنجون يادگيريون لکي رهيو هو. سياري جي رات هئي،قسمت سان مهيني جي پگهار جي بچت مان "ڪافي" پڻ خريد ڪئي هئائين. ان جو ڪوپ ٿاهي پوءِ هو پڙهندو بہ هو ۽ لکندو بہ هو. اسان پاڙيسري ۾ار هئڻ ڪري جڏهن بہ سندس ڏانهن ڪجھ ڪٽي ويندا هئاسين، ڪڏهن جمعي جي ختمي جي ماني، ڪڏهن ڪائي سٺي پڪل شيءِ، ڪڏهن عيد جي ماني.... اسان ان کي سندس هڪ ڪمري ۽ ورانڊي واري گهر ۾ تن تنها ڏٺو ڪوئي مٽ مائٽ ڪونہ هئو. چاچا سارنگ جو. بس هڪ دوست هئس. اسان پاڙي جي ٻارن کي سارنگ چاچا پيارا ٻارو ڪري ڪيڪاريندو هئو. هميشہ پڙهائي ڪرڻ جي نصيحت ڪندو هو.

چاچا سارنگ جو اهو هڪ يا تہ روز پيو ايندو هيس يا وري مهينن ۾ بہ ڪونہ ڏسندا هئاسين. سندس نالو هو "سورهيہ" اسان سڀ ان کي بہ چاچا ئي ڪوٺيندا هئاسين پر هو اسان ٻارن کي ايترو مچلو نہ ڪندو هو. پر سندن ٻنهي جي دوستي هئي لازوال ڏسڻ ۾ ئي ايندو هيو تہ پر هوندي بہ هنن جي هڪٻئي سوا سري ئي نہ ٿي ۽ شايد دنيا ۾ ٻيو ڪوبہ هنن کي سمجهڻ لاءِ رشتو شايد نہ مليو هجي. تنهنڪري ئي هو هڪٻئي جا دوست بڻجي ويا هئا. پر خير اسان تہ هئاسين پنهنجي راند جي ميڙ ۾ ڪجھ ڳالهائي، راند ڪيڏي وري هڪ ٽنگ تي ٽپا ڏيندا گهر پهچندا هئاسين. امان جي ڊڃ کان ۽ بابا جي اچڻ کان.

چاچا سورهيہ هميشہ خاموش رهندو هو ۽ چاچا سارنگ وري کل مک انسان هو. اسان جڏهن بہ ڪجھ سٺو پچائيندا هئاسين تہ مان انهن لاءِ امان کان پليٽ ٺهرائي چاچا سارنگ ڏانهن ضرور ڪٽي ويندي هئس. چاچا سارنگ سورهيہ سان تمام گهڻو پيار ڪندو هو.

هڪ ڀيري چاچا سارنگ مون کي ٻڌايو هو تہ سورهيہ منهنجي ننڍپڻ جو دوست آهي. منهنجي ذهن ۾ سندن اڪيلائي متعلق سوال تہ گهڻا هئا پر آءٌ گهڻي ڀاڱي اهي پڇڻ کان لنوائيندي هئس. چاڪاڻ جو چاچا سارنگ جي گهر ۾ رڳو اڪيلائي هئي. پر چاچا سارنگ کان هڪڙو انگل مون بہ ڪيو هو جي چاچا سورهيہ اوهان جو دوست آهي ۽ ٻيو ڪوبہ نہ آهي تہ چاچا سارنگ مان ......!!!؟؟؟

ڪلندي چيائين، "اڙي بابا تون بہ منهنجي ننڍڙي... پياري دوست آهين.... پريت تون تمام گهڻي صدوري آهين ۽ ذهين پڻ، تون پنهنجي چاچا جو ڪيڏو نہ خيال رکندي آهين ڀوڻءَ بہ نياڻي نماڻي هوندي آهي..... پريت ڏيءَ منهنجي جيڪڏهن ڪا اولاد هجي ها تہ مان خدا کان تو جهڙي نياڻي

گهران ها. جي چاچا.... پر مان آهيان نه اوهان جي اولاد وانگيان."

"ها... ڇونه ڏيءُ"

ايتري ۾ دروازو کڙڪيو. مونکي هن ۾ ٿانوَ ڏٺي چاچا سارنگ جيئن ئي دروازو کوليو.... ته سامهون وارو ماڻهو پيو نه پر.... چاچا سورهيه هو....

چاچا سارنگ "سورهيه تون.... اچ اچ....."

ان ڏينهن چاچا سرويچ تمام پريشان ۽ هاءِ گهوڙا ڪندو گهر اندر داخل ٿيو. سندس غصي ڪري چهرو به لال هيس. مان ته پاسي تي بيٺي ڏسندي رهيس.

ورانڊي ۾ هڪ ڪٺ پيپل هوندي هئي. ان تي ويهندي چاچا سورهيه پنهنجي چپن ۾ پڙڪيو....

"انسان..... انسان.... ماڻهو.... خبر نه آهي!؟ ڇا ٿيو آهي، ڪهڙو واءُ گهليو آهي؟ اڄوڪي انسان کي" ڇئي... ڪنڌ هيٺ ڪري ٻئي هٿ منهن تي ڏئي ويٺو رهيو. هوڏانهن مان ۽ چاچا سارنگ ٻئي صفا هڪاٻڪا ٿي وياسون پر مان ته اجا به وڌيڪ ويس پئي پاڻ کي پٽ ۾ هڻندي. ڇو جو چاچا سورهيه جي اسان ٻارن سان ته پٽي ئي ڪونه. ڇاڻڻ گهريم پر ٻنهي چاچن جي حالت کان واقفيت به ضروري هئي. نيٺ چاچا سارنگ پاڻيءَ جو گلاس پنهنجي ٽيبل جي سائيڊ سان رکيل ڪولر مان ڀري سورهيه چاچا کي ڏيندي چيو. سورهيه اڃي هي پاڻيءَ جا به ڍڪ ڀريءِ سامت ۾ اچي ٻڌاءِ يار ٿيو ڇا آهي؟"

چاچا سورهيه گلاس وٺندي پاڻيءَ جا اهي به ڍڪ پي ڪجهه سامت ۾ آيو. بس يار ڪجهه نه آهي، بس اڄوڪي وقت جي ۽ انسانن جي خبر ڪونه ٿي پئي. اهو ٻلا اڄ انسان تي قهري نظر آهي تنهنجي، يارا ڪوئي وظيفو مليو اٿئي اڄوڪي انسان کي انسان ڪرڻ جو."

"نه يار اهڙو ته ڪو سلسلو نه آهي...... سارنگ!

بس ڳالهه هي آهي ته اڄ صاحب وڏي ڏي ويو هئس، پو اول ته ملڻ سان سڄاتائين ڪونه. پر وڏيءَ ڪوشش سان جڏهن پار پتا ڏنم تڏهن وڃي سڃاتائين پنهنجو ذات ڀائي هجڻ تي به مڃيان لڳي ويس. پوءِ خبر اٿئي ڇا چيائين.

"پيارا آهين ته پنهنجو ذات ڀائي ۽ ڳوٺائي، هاڻي يار توسان ڪهڙا ليڪا ڪجن. پر ٻيلي تنهنجي هن آرڊر ۾ ڪا اهڙي چڪ آهي، تنهنجو ڪم ته ڪٽي ٿي ويندو پر يار اڄڪلهه هلي پئي "پرسنٽيج" جو دؤر. سو بس خيال ڪجانءِ اسان به تنهنجا پنهنجا آهيون."

سورهيه وڌيڪ چيو "يار سارنگ! هڪ هٿ خالي، ڪيسي ۾ ليپي ٽڪو ڪونه. سرڪاري نوڪري ملي آهي، پر ادا اڄ جي انسان جو واهپوءِ واسطو اٿئي "مايا" سان.

چاچا سارنگ چيس ته، "توکي اڄ خبر پئي آهي."

"ها يار... مون کي ته اڄ خبر پئي آهي... مان ته خيالن جي دنيا ۾ رهڻ وارو ماڻهو آهيان. منهنجي اڏام ڪجهه مٿي هئي، اڄ زمين تي هيٺ لهي آيو آهيان."

”خبر اٿئي سارنگ هو جيئن جيئن منهنجي ٿي ڪم لاءِ مون آڏو پنهنجي استدعا رکي رهيو هو، مون کي ايئن لڳي رهيو هو ڇڻ تہ هو نهيل ٿي نوٽن جو آهي، ڇڻ ڪائڻ ۾ بہ نوٽ ڳهندو آهي، سو يار ”پرسنٽيج“ وڏي شيءِ اٿئي.“

”اها منهنجي دوست کي اڄ خبر پئي آهي ۽ اهو سڀ حقيقت ۾ هجڻ باوجود تون چوندي تہ تون زمين تي موجود نہ آهين.“

“Be practical Surhia” ۽ پرسنٽيج واري ڳالهہ هن جي دماغ کي چڪرائي ڇڏيو هو. مون کي انسانيت جي پرسنٽيج ديوارن مان ڳالهائڻ لڳي هئي.

**

# سوچ

هوءَ سوچن ۽ خيالن جي سمنڊ ۾ غرق رهندي هئي، تان جو جوانيءَ جا ڏينهن بہ اچي پوراٿيا. پر نماڻيءَ جا خيال ۽ جذبا ساڳيا ئي رهيا. نماڻي ننڍپڻ کان پنهنجي چوڌاري سماج جي ابتڙ حالت تي دل ئي دل ۾ خائف رهندي هئي. هن کي هر وقت، هر گهڙي، هر طرف جيڪو ڪجهہ بہ نظر آيو ان تي هيءَ پنهنجي دل ۾ پنهنجي سوچن جي اتاهہ گهرائين ۾ نفرت ڪندي هئي. جيئن سندس ڳوٺ ۾ اهو روج ۽ راڙو جنهن وقت هوءَ ڇئن سالن جي هئي، نماڻي ٻڌو پئي ۽ ڏٺو پئي تہ سندس چوڌاري گهمندڙ ڦرندڙ هلندڙ سڀ محبتي ماڻهو، محنتي ماڻهو سڀ جا سڀ اڄ هاءِ هاءِ ڪلور ۽ ايڏو وڏو ظالم جا لفظ اچاري اکين منجهان ڳوڙها ڳاڙي رهيا هئا. نماڻي ڪالهہ تائين سڀ سڀ هنج ۾ کنيو هن سان ڳالهيون ڪندا هئا. اڄ اهي سڀ بي خبر آهن. سندس تيز پوري رنگ وارا وڏيون اکيون، سڀ ڏسي رهيون هيون جڏهن سندس امڙ هن کي پنهنجي هنج جي ٻانهن تي کڻي اوسارا ڪيندڙ ۽ پارڪيندڙ عورتن کي لوڙهي تان ماني ٽڪيءَ جو پڇي رهي هئي. اهي سڀ نرمل ڇهرن واريون اڄ اباڻڪيون ۽ سندس منهن مصحف تي لڙڪن جو مينهن وسيل ڏسي هوءَ ڪيڏي مهل پنهنجي امڙ ۽ ماسي رحيمان جنهن کي سندس گهر جا وڏا پائر ۽ پينرون سيئي سندس امڙ پيڻ سڏيندي هئي ۽ پڦي رحيمان امڙ کي پاڄائي ڪوٺيندي هئي. سندن ويڙهو سندن گهرن جي پٺيان ئي تہ هو.

پرهي ڇا پاءُ پاءُ کي، ڇاڇي پاڻٽي کي ماري ۽ مارائي ڇڏيو. صحيح چوندا آهن ”پنهنجي وير شل نہ مچي ڪير.“ نماڻي هاڻي ٽڪجي پئي هئي ۽ هوءَ اهو سڀ ڏسي ڪري پريشان ٿي رهي هئي. سندس امڙ هن جي ڇهري ۽ چرپر مان سمجهي ورتو. نماڻي اداس ٿي پئي هئي. هوءَ پنهنجي امان جي ڳلي ۾ پنهنجي ٻانهن کي هار بڻائي رهي هئي. ڪنهن ڪنهن مهل سندس سيني تي ڪنڌ رکندي هوءَ پڦي رحيمان جي اکين مان لڙڪ ڪرندي ۽ پنهنجي امڙ کي بہ ساڳي حالت ۾ ڏسڻ ڪري سندس منهن کي سامهون ڪري ڏسي رهي هئي.

اهو ظلم ڇو ٿيو هو ڪوئي خاص سبب نہ هو جتي علم جي بدران جهالت جو جهنڊو بلند هجي اتي ان قسم جو سماجي ورتاءُ عام ڳالهہ آهي، بس اسان جي ڳوٺن جا رهندڙ ماڻهو انهيءَ نفسيات جا هوندا آهن تہ پوءِ هي ڳالهہ کي ڳنڍ ڏئي بيهندا سماٽ هوندا ۽ مسلمان تہ عورتن کي پردي ۾ رکندا، سڱاوتي تڪرار، ٽڪن تي عورت ڏيڻ ۽ وٺڻ ۽ ڏي وٺ جا بنياد. ٻنين ٻارن ۽ ٽڪرن تان پنهنجي ئي پائپيءَ جا ماڻهو هڪٻئي جا ويري بڻجي پوندا آهن. وڏ ننڍائي، پائپي برادري ۾ ڪنهن ڪنهن جو سڱ گهري ورتو تہ ڪهاڙيون اپيون. ٻنيءَ تي پاڻيءَ جو وارو. ”هلا ٿي هلا ٿي“ جا لفظ ۽ ڳترا ڳترا ٿيل لاش. سنڌي ماڻهو زر، زمين ۽ زن تي سِرُ ڏئي وڃهندا آهن.

نماڻي پنهنجي يادگيرين کي اندر ۾ سارينديءَ اڄ پنهنجي عمر جا 50 ورهيہ گهاري چڪي هئي سندس بابا جي شهر ڏانهن هجرت سڦل ٿي هئي. نماڻي پنهنجي بابا ۽ امان سان گڏ پنهنجي ديس کي اڄ کان ٽيهہ سال اڳ خير آباد ڪري چڪي هئي. هاڻي هوءَ ٻاهرين ملڪ رهندي هئي. جتي سندس پيار ۽ پاڻهہ بہ ساڻس گڏ هو. نماڻي ديس ۾ رهندي پنهنجي ڳوٺ پنهنجي ماڻهن، پنهنجي شهرن جي حالتن کي بهتر ڪرڻ چاهيندي هئي پر جڏهن هن ايئن ڪري ڏٺو هو تڏهن بہ ڪوئي بہ راضي نہ هو. اهڙا ماڻهو پنهنجي ڳوٺن، شهرن ۽ پنهنجي ديس جي لاءِ اوپرا ٻڌجي پوندا آهن جيڪي پنهنجن ۽ ديس ۾ رواج ۾ آيل غلط روايتن جي مخالفت ڪندا آهن ۽ ان جو حل ڏيندا آهن. انهن کي ڪڏهن بہ بخشيو نہ ويندو آهي، ڪوئي بہ انسان جي چڱو ڪندڙ جو ساٿ نہ ٿو ڏئي ۽ پنهنجي پلي کي نہ ٿو سمجهي، پوءِ نماڻيءَ جهڙيون ڪيتريون نينگريون پنهنجي شعور جي روشنيءَ کي اڳتي وڌائي نہ سگهنديون آهن ۽ سارنگ جو سندس پيءُ هو جنهن يتيميءَ کي پنهنجي پڦيءَ جي سهاري جهليو هو. ڳوٺ جي اٿوڻندڙ حالت کي ڀانپي نماڻيءَ پنهنجي سيني ٻچڙن لاءِ پنهنجي پڦي ۽سندس گهر واري سورٺ سان شهر ڏانهن رخ ڪيو هو جتي هوءَ امن ۽ سڪون سان پنهنجي ٻچن کي علم جي لازوال سچ سان آگاهي ڏئي سگهي. اڄ نماڻي جڏهن پنهنجي ديس ٽيهن سالن ڪانپوءِ موٽي آئي .... زندگيءَ جا رخ جڏهن مٽجي چڪا آهن، دنيا ايٽمي طاقت کان ٽيڪنالاجي، سرمايہ داري کان سرمايہ دار جي آمريت تائين پڳي آهي،جتي هر روز انسان، انسان کي قيمتن ۾ خريد ڪري ٿو. اتي ان دؤر ۾ نماڻي موٽي آئي آهي، پنهنجي ديس پنهنجي ڳوٺ پر حيراني تہ اها ٿئيس ٿي، پنهنجي سوچن ۽ خيالن، ڳالهين، مشڪل ۽ مونجهارن کي هوءَ ننڍپڻ ۾ ڏسندي وڏي ٿي هئي، ظلم تہ اهو هو سندس ڏرتيءَ ۽ سندس ڳوٺ اڄ بہ انهن ئي واٽن ۾ منجهيل هو بلڪل ايئن جيئن "مومل جو ڪوٽ"

نماڻي جيڪا تازو دنيا جي اهڙن ملڪ ۾ پنهنجا ٽيهہ ورهيہ گذاري آئي هئي جتي جا ماڻهو ۽ ملڪ دنيا جي شاهوڪار ماڻهن ۾ شمار ٿيندا هئا. سندس پريشاني وڌي وڃي ٿي، جڏهن هوءَ پنهنجي جنم جاءِ کي ڏسي ٿي ۽ چوڌاري نظر ڦيرائي انهن منجهان تہ ڪوئي نہ هو جيڪي سندس کي هنج وٺندا هئا. پنهنجن جي ازل جي جدائي پٺائيءَ جي شعر جي ترجماني ۾ هوءَ هينئن ورجائي ٿي:

آديسي اٿي ويا، مڙهيون مون مارين،
جي جيءَ کي جيارين، سي لاهوتي لڏي ويا.

سندس ڳوٺ جا ماڻهو هئا تہ محبتي پر سندس مسئلا هئا غربت، لاچاري، بيوسي ۽ بيڪسي، غلامي بہ طرحين طرحين جي، نہ تہ سندس ڳوٺ جا سڀ ماڻهو ڪيڏا امن پسند هئا، نہ هين تہ علم جي لاٽ ميسر نہ هين. هنن جا مسئلا سڀ جا سڀ حل ٿي پئي سگهيا جنهن ملڪ ۾ علم جي روشنيءَ جي آڏو رنڊڪون نہ هجن، تہ پوءِ اسان جو ڳوٺ ۽ اسان جي ملڪ جا ماڻهو بہ بدلجي سگهن ٿا ۽ هو پاڻ

ڪي سمجهي ۽ سجاڻي سگهن ٿا. پنهنجي وسريل پيغام کي ڄاڻي سگهن ٿا.

پنهنجي سئي گاڏيءَ مان لهندي نماڻي پنهنجي بابا، امان ۽ پنهنجي ڏاڏي جي وصيت کي ياد ڪندي اهو پڪو پهہ ڪري ٿي تہ هوءَ جيتوڻيڪ هاڻي وڏيڪ اڪيلي آهي پر هوءَ پنهنجي ديس جي قرض کي لاهيندي، هوءَ پنهنجي ڳوٺ ۾ عورتن جي تعليم لاءِ ۽ ڳوٺ جي ٻارن لاءِ اسڪول ۽ هنري اسڪول کوليندي، پنهنجي وڏڙن جي نشانين کي جديد دنيا جي خوبصورتين سان سينگاريندي تہ جيئن سندس ڳوٺ جا ماڻهو روشن دماغ، سان پنهنجي زندگي جي نئين سر اڏاوت ڪن.

هوءَ پنهنجي انهن پولارن ۾ هئي تہ سندس چوڌاري ميڙو مچي ويو ننڍا وڏا ڇوڪراٽ سڀ سندس کي چوڌاري ورائي ويا ۽ پوءِ هن همت ڪندي ڪين ڇيو تہ "اوهان وجي پڦي رحيمان کي ٻڌايو تہ "نماڻي آئي آهي، خاوند ڏني جي ڌيءَ" ٻارڙوڙندا ويا، ڪجهہ منٽن ڪانپوءِ سندن گهر جي پرئين ويڙهي مان ڪا جهور پوڙهي عورت ٻارن جي هٿن جي سهارن ڏانهنس اچي رهي هئي تہ نماڻيءَ جي نظر ان ڏانهن پئي تہ هوءَ ڊوڙي وجي پڦي رحيمان سان ملي. سندس نور جهڪو ٿي ويو هو. هڏڙن جي ڳنڍ جي وجود ۾ يادگيريون ۽ زندگيءَ جو ڪرب هو جيڪو هن ديس ۽ سندس ڳوٺن جي عورت عمر پر ڪاٽيندي آهي.

نماڻيءَ جي پڦيءَ نماڻيءَ کي ڇيو، "امان وڏي ٿي وئي آهين، تون صاحب ٿيڻ ڪانپوءِ اڪيلي ڇو آئي آهين، ادا ۽ ڀاڄائي جن ڪٿي آهن؟"

"پڦي اهي تہ مون کي اڪيلو ڇڏي پنهنجي ازلي سفر جا راهي ٿي ويا آهن ۽ مان اوهان سان ملڻ، بابا ۽ امڙ جي وصيت پوري ڪرڻ آئي آهيان جيڪو ڪم انهن پورهيتن هٿن ۾ ڪنيو هو، مان ان کي پورو ڪرڻ چاهيان ٿي. مان هاڻي توهان سان هتي رهنديس ۽ پنهنجي ڳوٺ جي لاءِ نہ صرف تعليم پر مٽي پاڻيءَ لاءِ بہ جاکوڙ ڪندس. منهنجي يادگيرين ۾ اوهان سڀ موجود آهيو ۽ مان اوهان جي آهيان. مان هتان جي غربت کي اميري ۽ هتان جي دماغن کي سجاڳيءَ ۾ بدلائڻ آئي آهيان. پڦي ڇا اوهان ۽ ٻيا سڀ منهنجو ساٿ ڏيندا." پڦيءَ جي منهن تي مسڪراهٽ ۽ ٿهڪ اچي ويا. ٻار سڀ مسڪرائڻ لڳا ۽ پڦيءَ چيو "هائو منهنجي امان اسان جي آخري ساهہ تائين مان توسان گڏ آهيان پٽ ۽ خدا تنهنجو ساٿي آهي، تون هنن غريبن ۽ لاچارن لاءِ ڪجهہ ڪندينءَ تہ مالڪ توکي ان جا اجورا ڏيندو ۽ پوءِ هو سڀ گڏجي اڳي وکون پرڻ لڳا آهن.

**

# اندر جي روشني

هوءَ سرڪاري نوڪريءَ ۾ نئين نئين آئي هئي، پهريون ڀيرو ڪنهن سرڪاري ”دفتر“ ۾ هن کي نوڪري ملي هئي. جيستوڻيڪ هن کان اڳ هوءَ تمام ننڍي عمر ۾ زندگيءَ جي ڪجهہ مختلف اسائينمينٽس کي مڪمل ڪري چڪي هئي، پر اڄ هوءَ اعليٰ امتحان پاس ڪري پنهنجي پريڪٽيڪل زندگي شروع ڪرڻ واري هئي. جيئن ئي پنهنجي آرڊر ڪاپي کڻي انهيءَ ڏکهي سفر تي رواني ٿي، ڇاڪاڻ جو ترت هن کي پنهنجي لاڳاپيل سيڪشن سان رابطو ڪري پنهنجي ڊيوٽي جوائننگ ڪرڻي هئي. آفيس جي انهيءَ ڪمري ۾ 4 کان 5 ماڻهو هئا، هر طرف فائلن جا ڍير ۽ پيگل ڪرسيون رکيل هيون، هوءَ جيئن ئي ڪمري ۾ داخل ٿئي ٿي، هٿ ۾ فائيل کنيون وڏي اعتماد سان سلام ڪري ٿي.

”وعليڪم سلام“ جو آواز ڪجهہ هڪ ڪرو مليس ٿو ۽ انهن سڀني جون نظرون ڏانهنس کڃن ٿيون ۽ پوءِ انهن مان ڪوئي هڪ هن کي ڪرسيءَ تي ويهڻ لاءِ چئيس ٿو. هوءَ انهيءَ ڪرسيءَ تي ويهندي پوري ڪمري جو دل ئي دل ۾ جائزو وٺڻ جي ڪري ٿي، ٿوري دير پوري ماحول تي سانت ڇانيل رهي ٿي ۽ هوءَ سنڌ جي نياڻي پنهنجي ذهن ۾ سوچيندي انهيءَ سانت کي تبديل ڪرڻ چاهي ٿي. ڇاڪاڻ جو اتي موجود ڪوئي بہ شخص ان کان اچڻ جو سبب نہ ٿو معلوم ڪري، هوءَ جيئن ئي ادا چئي پنهنجو مدعو ٻڌائڻ چاهي ٿي تہ انهن مان ڪوئي هڪ ساڻس ڪجهہ هينئن مخاطب ٿئي ٿو.

ميڊم پليز_ هڪ منٽ.

جي.....!! چئي هوءَ خاموش ويٺي رهي ٿي ۽ اندر ئي اندر ۾ ذهن جي پيڙائن ۾ هوءَ سوچي ٿي، هڪ منٽ خاموشي....!!!؟ ڇا مطلب.

ڇا مون کي ايئن ئي ويٺو رهڻ گهرجي ها؟

ڇا مون کي پنهنجي مسئلي تي نہ ڳالهائڻ گهرجي ها؟

ڇا مون کي ادا بہ نہ چوڻ گهرجي ها؟

ڇا هنن جو ڪو ٻيو مقصد آهي... ڇا سرڪاري دفتر آهي تہ پوءِ مطلب ماڻ جو پئسو ڏيڻ....!!!، يا اڃا ڪجهہ ٻيو؟

ڇا هيتري دير کان ڏسان پئي هو فائلن جا پنا پيا اٿلائين؟ اهڙا ڪيترا سوال هن جي ذهن ۾ اڀرن پيا. احساساتي طور تي هوءَ اندران بلڪل ڪنفيوز ٿي وئي هئي. هڪ تہ عورت ذات، مٿان نئين نئين بيروزگاري جو ختم ننڍڙو باب ڇا هاڻي... آسودگي اچي وئي. ڇا هتي ڪجهہ ڏيڻو پوندو. هوءَ بلڪل خشڪين ۾ ونجي وئي هئي، ڇاڪاڻ جو سندس پرس ۾ ڪجهہ رپيا ئي هئا.

جيڪڏهن هن ڪجهہ پئسا گهريا تہ ڏيڻا تہ پوندا. هوءَ پاڻ سان ڳالهائيندي رهي. گهڻا پئسا گهريائون تہ واپسيءَ جو ڪرايو بہ نہ بچندو. هون تہ پوءِ ڇا ٿيو رڳو فائيل تيار ٿئي، پوءِ پنڌ هلبو. هن پنهنجي اندر تهذيب سان ڳالهايو. پنهي انٽرڪنيڪٽيڊ سسٽم وسيلي هڪٻئي کي دلاسو ڏنائون ۽ جڏهن اندر جي تهذيب جي مڪمل تسلي ملي وڃي تہ ظاهر ۾ بهادريءَ جا اهي آثار انسان جي پيشانيءَ تي ايندا آهن جن کان دنيا جي هرباطل قوت ڊڄندي آهي. سندس انهيءَ اعتماد جي ظهور ٿيڻ سان انهن منجهان هڪ بندي هن کان سندس آرڊر گهريو. وڏي اعتماد سان مليل لفافو هُنَ کي ڏيندي هوءَ ڪرسيءَ تي ويهي رهي. وڏين اکين ۽ خوبصورت انداز جي مالڪ هئي، اها سندرتا جنهن جي اندر جي تهذيب تي ڪجهہ خاص دنيا جي شناسائي ٿيل آهي. انهن مان هڪ چئي ٿو. "ميڊم اوهان اسان کي جوائننگ لکي ڏيو. تہ اوهان جو آرڊر فائيل تاهي ڏيون ٿا."

"پر مون کي هڪ پيپر گهرجي." هوءَ چوي ٿي.

"جي جي هي وٺو."

سندرتا پنهنجي جوائننگ لکندي هنن کان ڪجهہ معلومات پڻ وٺي ٿي، جتي هوءَ منجهي ٿي پئي.

جوائننگ لکندي اتي موجود ڪوئي ٻيو بندو هن کان پڇي ٿو "ميڊم ڪٿان جا آهيو؟ منهنجو مطلب آهي اوهان سنڌ جي ڪهڙي شهر کان آيا آهيو ۽ توهان پنهنجي شهر ۾ ئي آرڊر ڇو نہ ورتو؟"

هوءَ چوي ٿي، "جي ادا! مان لاڙڪاڻي کان آئي آهيان."

"اڇا! هن هيڏي وڏي شهر ۾ اچڻ جو مقصد؟"

"مقصد ادا، صرف اهو آهي تہ وڏن شهرن ۾ اعليٰ تعليم جاوڌيڪ موقعا آهن ۽ دنيا هڪ هنڌ بيهي رهڻ جو نالو نہ آهي. انسان کي پنهنجي وجود ۽ منزلن جي حاصلات لاءِ هڪ هنڌ کوهہ جو ڏيڏر ٿي نہ رهڻ گهرجي. هميشہ تحرڪ ۾ رهڻ سان انسان پنهنجون ۽ پنهنجن لاءِ ڌرتيءَ لاءِ تياري وٺون، سوچ، سمجهہ، سرت ۽ ساڃاهہ حاصل ڪندو آهي. هيڏا ڪشالا صرف انهيءَ ڪاڻ ڪٽيا آهن."

قلم روڪي هن هڪ ساهيءَ ۾ ڳالهايو هئو. اهو سڀ اَنِ پلانڊ (Un planned) ڳالهائيندي هئي، اها ئي اها وٿ هئي. جنهن تي هلڻ ڪري هوءَ ان ننڍڙي نوڪري مان ڊائريڪٽر جي عهدي تي پُڄي هئي. اهڙيون ڪيتريون تڪليفون ۽ آزار هئا، مصيبتون ۽ پريشانيون هيون، بک ۽ بدحالي سان گڏ پيرين پيادل هئي، ڪوئي بہ تہ هن جو ڪونہ هئو. هوءَ اڪيلي هئي، سنڌ ڄائي، ويهين ۽ اڪيهين صدي جي سنڌ جي نياڻي سيڪجهہ سهي گهڻو ڪجهہ ڏئي وئي. جيڪي ان جا خواب، سچائي، سچتائي، سرت ۽ ساڃاهہ جا سبق، عملي طور پنهنجي خاندان کان وٺي پنهنجي شهر جي هر نياڻيءَ لاءِ تعليمي ۽ هنري گهر، اعتماد ۽ عزت ۽ آجپي جو درس ڏيندڙ عورت کي هڪ نئين سنڌ اڏيندڙ جي عظمتن جي ڪناري تي ڏسڻ واري هئي.

آرٽ فنون لطيفہ, شاعري, ادب ۽ سياست ۽ فلفو سندس پسند جا موضوع هئا. انهن سيني ۾ هن ايترو ڪم ڪيو جيترو چوندا آهن, جهڙو حال حبيبان تهڙو پيش پريان. آخر ۾ هوءَ زندگيءَ جا اڄا بہ وڏيڪ ڏکيا ڏينهن گهاري تي جڏهن سڀ ڪجهہ سڀ ڪنهن لاءِ ڪرڻ ڪانپوءِ آخر ۾ انسان بلڪل بيوس ۽ لاچار ٿي پوي ٿو. تڏهن هن جي "اڪيلائين جو ڪن" آخر ۾ بلڪل گهرو ٿي وڃي ٿو. هوءَ پنهنجي عمر جون سڀ حدون اورانگهي آئي آدرشي هئي ان لاءِ, شايد نہ پر پڪ آدرشي ۽ تهذيب وارو انسان دنيا جي هجوم ۾ اڪيلو رهجي ويندو آهي. هوءَ ڪاميابين لاءِ جوانيءَ ۾ هوءَ دعائون بہ گهرندي هئي تہ بغير هٿ ڪٽي بہ ان سان ڳالهائيندي, اهي سڀ ڪاميابيون تہ ملي ويون, پر اندر جي دنيا جي روشني بہ هن وٽ ججهي هئي جا ڪوملتا جي روپ ڏانهن وڃي رهي هئي پر دنيا جي "لوڪ جا طعنا" اڃا ختم نہ ٿيا هئا, اهي ڳالهيون اڃا وڏي ويون هيون, جيتوڻيڪ انهيءَ دنيا جي ڪاڻ هِن اڪيلو رهڻ پسند ڪيو هو. پر دنيا تہ پنهنجي نقطہ نظر تي هلندي آهي. ان ڪي ڪٿي پتو پوندو آهي تہ طنز جا تير جڏهن ڪنهن تي تاڻيا ويندا آهن تہ اتي ڪيترا زخم ٿي پوندا آهن, وڏي ڳالهہ تہ اهي زخم پيا رسبا آهن ۽ زندگي ختم ٿي ويندي آهي.

**

# مُرڪَ

هوءَ پنهنجي انٽرويوءَ ۾ ناڪام ٿي هئي، ناڪامي، جنهن کان هوءَ شديد نفرت ڪندي هئي. هوءَ دنيا ۾ هر رنگ ۽ روپ ۾ چاهت جي علَم کي هٿ ۾ رکندي هئي ۽ دنيا کي خوش دليءَ سان چاهيندي هئي. پر جڏهن ناڪام ٿيندي هئي تہ سندس اندرَ ۾ هڪ لاوو پيو ٻرندو هو.... جنهن ۾ هوءَ پئي سڙندي ۽ جلندي هئي، پر مرڪ تي مک نہ ويندي هئس، جيئن جيئن هوءَ زندگيءَ جي سورن کي پيئندي هئي، تيئن تيئن هڪ لازوال طاقت حاصل ڪندي هئي. پر اهي ماڻهو اهي حالتون، اها جڳهہ ۽ رويا هوءَ ڪڏهن نہ وساريندي هئي.

هوءَ هئي اهڙي سوپياون، حسين جنهن کي پنهنجي ديس سان محبت هئي، جنهن کي درد هو پنهنجن جو. جنهن کي درد هو پاڻ لاءِ نہ پر نا انصافين تي. هن جو نالو مرڪ هو. هوءَ پنهنجي ڪم سان محبت ڪندي هئي، هوءَ هر ڪم محبت سان ڪندي هئي، هوءَ پنهنجي پروفيشن کي عبادت سمجهندي هئي ڇاڪاڻ جو سندس پروفيشن پيغمبري پيشو هو. تڏهن ئي تہ سندس ڏنل پيپر جا سوال ڪٽڻا ئي نہ هئا. شايد قدرت هن کان اڃا بہ وڏا ڪم وٺڻ چاهي پئي! سندس ناڪام واپس موٽڻ تي ڪوئي سندس همدرد، تہ ڪوئي پرپٺ طنز ۽ منهن تي ڦڪي مرڪ سجائي ڪوڙسارين دلجائين سان هن سان ملي رهيا هئا ۽ هوءَ هئي جو اندران اچي پرپور ٿي پئي سندس سماج جو تاجي پيٽو اهڙو اُٽجي ويو آهي جنهن جو ڪو جواب نہ آهي! پر هوءَ همت هارڻ وارن مان ڪٿي هئي.

هر تنقيد ۽ تنقيدي روين تي هوءَ ڳوڙهي ويچار سان ٻڌندي هئي. سچي دل سان مڃي پنهنجي غلطين ۽ اوڻاين کي سڌارڻ جي ڀرپور ڪوشش ڪندي هئي. پر زندگي جي مس هٿ کان نڪرڻ ۽ آدرشي هجڻ جي فطرت جتي ڪجهہ هن کي ڏئي رهي هئي تہ اتي گهڻو ڪجهہ هن کان کسي بہ رهي هئي. مرڪ سماج جي ڪوڙهہ ورتل روين ۾ زندگي گذاري رهي هئي جتي آدرشي ۽ سچو هجڻ سڀ کان وڏو ڏوهہ آهي. جتي سماج جي تبديلي صليب تي چڙهڻ برابر آهي، جتي حق ۽ سچ جي واٽ تي هلڻ زندگيءَ جو سڀ کان وڏو ڏک آهي، اتي هوءَ ڪجهہ وڏن مقصدن ۾ اڳيري ٿيڻ بجاءِ پوئتي ڌڪجي رهي هئي. هن ۾ ڪي بہ ڇڪتاڻ جون ڳالهيون نہ هيون پر جڏهن بہ هوءَ ڳالهائيندي هئي، ان کي اعتراض جوڳو (ڪنٽراڊڪٽو) سمجهيو ويندو هو. پر هوءَ جيڪو ڪجهہ هئي ان ۾ الاهيائي فلسفا، سائنسي ڪوجنائون، فلسفو پريت ۽ پريتم، غريب ۽ لاچاري، همدرديون ان جي پٺيان پيار جو سوڳنڌ، انهن سڀني خوبين باوجود سندس همدرد ۽ خير خواهہ هن کي سمجهائڻ ۽ پرچائڻ دلاسا ڏيڻ جا شوقين ماڻهو ظاهر ٿي پيا. توکي ڪڏهن بہ سبجيڪٽو نہ پر آبجيڪٽو هجڻ گهرجي، تنهنجي سائيڪالاجي جا آرٽيڪل ڇپيل هجن ها تہ تون ئي حقدار هئينءَ وغيره وغيره. پر هوءَ تہ سڀ ڪجهہ ڄاڻندي هئي،

پاڻ کي بہ ۽ ٻين کي بہ مرڪ ذهني طور مٿاهين ۽ بلنديـن واري سوچ رکندڙ هئي. پر جيئن فطرت ۾ ڪجھہ شيون هونديون آهن، هو تہ جيتري مرڪ هئي اوترو هئي سارنگ، ائين وسائينديـ جيئن قدرت هن جي اکين ۾ ۽ روح ۾ "درد" جا ڪڪر وسڻ لاءِ ڪجھہ سيل ڏنا هجن ۽ هوءَ روئي پئي. پنهنجي ناڪاميءَ تي، پنهنجي درد تي، پنهنجي ڏکن تي ۽ سڀ کان وڌ هوءَ انهيءَ ناڪاميءَ تي تہ سندس سماج بدلاءَ لاءِ تيار نہ هو. هر منزل تي پڄڻ تہ سولو ڪم نہ آهي، پر زندگيءَ جي محاذ واري جنگ تي ڪوبہ محاذ ڪليل نہ ڇڏيو آهي. هوءِ سڀ ڄاڻندي بہ خاموش بت بڻجي رهي هئي، جنهن کي شيون وري ورجاءَ سان اچي رهيون هيون، ڪنهن چيو هيو تہ عورت جي ڪاميابيءَ پٺيان عورت هجڻ ڪافي آهي ۽ پوءِ پنهنجو پاڻ تي ڪنٽرول رکي نہ سگهي.... ۽ چيائين ائين نہ آهي؟! توهان تہ وڏي واڪ عورتن جي حقن جي ڳالهہ ڪندا آهيو. اسان کي چڱي ريت اها ڄاڻ آهي تہ مرد عورت جي چونڊ ڪرڻ، سيوا ڪرڻ ۾، پيار ڪرڻ ۾ پنهنجو پاڻ کي حق تي ۽ ان يقين کي رد عمل سمجهي پاڻ کي آجو سمجهندا آهن.

جيڪڏهن ڪابہ عورت ڪامياب ٿئي بہ ٿي تڏهن بہ اوهان سڀ انهن کي انهيءَ ڳڻپ ۾ شمار ڪري سندس ڪٽ هڪ شو پيس واري رکندا آهيو. توهان مرد ائين ڇو ڪيو ٿا؟ ٺيڪ آ مون کي ناڪامي ٿي تہ ڇا ٿيو.... پر منهنجي جڳهہ تي آيل بہ عورت ئي آهي، ۽ مون کي هر عورت لاءِ احترام آهي. پل اها مونکان ذهانت جي اسٽيٽس ۽ محنت ۾، سونهن ۾ وڌيڪ هجي يا گهٽ.

مرد "ميڊم توهان صحيح فرمايو. پر عورت جي وڪالت ڪرڻ ۾ توهان ڪجھہ حقيقت کان پاسيرا ٿي رهيا آهيو."

مرڪ "ڪو مسئلو نہ آهي، مان ائين نہ ٿي سمجهان ۽ منهنجي ائپروچ ڪريل نہ آهي. معاشري جا اڏيندڙ اسين سڀ ٻين جي ڪاميابيءَ کي انهيءَ ليکي ۾ آڻيندا سين تہ پوءِ عام ماڻهو-انسان ڪڏهن بڻبو. اسان سڀ پنهنجي معاشرتي اصلاح وقت ۽ ماحول، دنيا جي مطابق ڪيئن ڪنداسين. اوهان ائين سمجهو تہ ڄڻ مون ئي ڪٽيو آهي، ڇاڪاڻ جو مان سرتيءَ ۽ ڏرتيءَ جو سوڳنڌ آهيان جيڪا ڏکن ۽ پيڙائن منجھہ بہ مرڪندي آهي، جيڪا "مرڪ" آهي.

**

# تـفـريح

پورو هفتو شاگردن جو هفتو ملهايو ويو سڀ شاگرد ائين خوش هئا ڄڻ زندگيءَ ۾ اهڙيون خوشيون هنن ڪي روز ملنديون هجن، بس وسان ڪين گهٽايائون، پنهنجي اندر جي اظهار فن سان فطرتي پيار ۽ پوري سال جي پڙهائي جي بوريت کان بچڻ لاءِ گهڻو ڪجهہ سوچيائون، سڀ رٿائون جن ۾ هو پنهنجو اظهار ڪري خوشي حاصل ڪري سگهن. ريڪا، رابيل، موتي قلندر بخش، زرينہ، ساگر، سرسوتي، مهراڻ، نرمل سڀ جا سڀ ميڊم سان ها ۾ ها ملائي مرڪ جا مها ساگر بڻجي رهيا هئا. سندن يونيورسٽيءَ ۾ ڊپارٽمينٽ ۾ پنهنجي زندگيءَ جي انداز بوريت لاءِ اهو سمو عيد جهڙو هو. سو پورو هفتو ڪڏهن ڪنهن تفرح لاءِ مقرر ڪيائون تہ ڪڏهن ڪنهن لاءِ ..... ۽ پوءِ بس ڪم ڪاريون، ڪچهريون، چانهيون، مهمانن جي لسٽ، ڊرامن، ٽيبلوز جا اسڪرپٽ ۽ ڪاسٽيوم بس ڄڻ زندگي هڪ نئين رخ ۾ هلڻ لاءِ تيار هئي ۽ هي سڀئي ان ڪي ويلڪم ڪرڻ لاءِ تفريح سمجهي رهيا هئا.... ۽ جڏهن تہ اهڙي تفريح کان فوراً بعد سندن امتحان ويجهڙ ۾ هئا، تنهن لاءِ سڀني استادن واعدو ڪيو هو تہ هن ڀيري صرف اسٽوڊنٽ ويڪ ۾ سٺي ڪارڪردگيءَ تي اوهان کي سرٽيفڪيٽ ڏنا ويندا پر...... امتحان ۾ پڻ اوهان سان يعني پڙهندڙ ٻار سان ڪابہ زيادتي نہ ڪئي ويندي سو پورو هفتو... ڌم ڌمان سان پروگرام ٿيا، تقرير جا، بحث مباحثن جا، نعتن، ڊرامن، ٽيبلوز گانن ۽ ثقافت جا سڀ رنگ تان جو ادب جي رنگ کي بہ شاگردن پنهنجي هفتي جو شان بڻايو.... ۽ انساني حقن جي حوالي سان، ڪارو ڪاري، نياڻين جي تعليم، عورتن جا حق ۽ زندگيءَ جا نئين نسل لاءِ ايندڙ نوان لاڙن ۽ صورتن ۽ شڪلين جي بيان ٻڌڻ لاءِ شاگردن، اڪابرن ۽ اسڪالر، اديب ۽ شاعرن کي بہ نينڊ ڏني. پر آخري ڏهاڙي تي جڏهن اسٽيج سيڪريٽري مهمانن کي مٿي گهرائي رهيو هو ۽ مهمان اچي چڪا هئا، پنڊال پرجي ويو هو، تہ اچانڪ آيل مهمانن مان هڪ تمام وڏي برجستي ڪردار ڳالهائڻ شروع ڪيو پنهنجو پاڻ سندس پرسان ساڃي کان سندس جوڙ جون ٽوريون ۽ ڪاهي کان اسان شاگردياڻيون هئاسين، هن ڪرسيءَ تي ويهندي ڪجهہ پڻ پڻ ڪئي..... سماج جا ٺيڪيدار محبت جا عملبردار انساني حقن جا پارکو سڄاڻ، بنياد پرست سماج جي نيمن کي بدلائڻ گهرن ٿا. يعني اندر جي دنيا تہ غلاظتن ۾ پيوت تي پئي اٿن.

اڙي ڇوريون انهن جي بيانن تي نہ وڃجو اهي مڙد، پنهنجي امڙين، ڌيئن، ڀيڻن ۽ زالن کي کهاڙين سان ڪهندا اٿوَ انهن جي خطابن ۽ ظاهري ڏيک تي نہ وڃجو. مان ريڪا، رابيل، سرسوتي ۽

رابيل تي چڙ بت بڻجي پياسين ۽ جڏهن هوءَ پاڻ خط لاءِ گهرائي وئي تہ هوءَ انهن سان گڏ بيٺي رهي. شاگردن ۽ آيل مهمانن کي خطاب ڪيائين. شاگردن ۾ سَنَدون ورهايون ويون ۽ اسين سڀ پنهنجي اندر رهنمائي ڪندڙ شخصيت جن کي اسان پنهنجو آئيڊيل قرار ڏيندا آهيون. انهن شين کي ۽ سندن شين کي چاٽي سمجهي ورتوسين. ديس جا جهونجار ڪنهن وڏي نفسياتي بيماريءَ ۾ ورتل آهن جو سندن ڪجھ بہ نہ هلي تي سي پنهنجي پوڇا ۾ پر آهن.

**

# پرينءَ جي محبت

سنڌ جي هڪ سندر شهر جي پوش علائقي ۾ هنن وٽ وڃڻ ٿيو جيئن مون کي پنهنجي ان ننڍڙي ۽ سندر سهيلي ثميره دعوت ڏني هئي. سندر، ويڪري ڪشادي بنگلن ۽ خوبصورت هوائن واري شهر ۾ جڏهن آءٌ پهتي هئس تہ منهنجي اڪيلائين جا بہ ڇڻڪ ٽڪ لهي پيا هئا. هي اهي انسان خوشنصيب هوندا آهن جن کي دوست هوندا آهن، جيڪي مضبوط هوندا آهن، پر ڪي اسان جهڙا بہ بدنصيب هوندا آهن جيڪي زندگيءَ جي هر سندرتا اڌوري حاصل ڪندا آهن.... پر جيئندا آهن پنهنجي لاءِ، نہ ٻين ڪاڻ. پنهنجي جيئڻ تي تہ شروعات ۾ ئي ڪيترا فل اسٽاپس، ڪاما ۽ ڪُئيسشن مارڪس لڳي ويندا آهن جيڪي لک ڀيرا ڪوشش باوجود بہ نہ هٽي سگهندا آهن. پر اهڙا خالي وجود ٻين جي بهتر رهنمائي، ٻين کي خوشيون ڏئي سگهندا آهن.

ثميره بلڪل اڪيلي هئي... هن جي ٻي ڪا بہ ڀيڻ نہ هئي، مان جيتوڻيڪ هن کان عمر ۾ سال وڏي آهيان پر پوءِ بہ هوءَ منهنجي لاءِ اڻ ميو پيار رکندي ۽ ظاهر بہ ڪندي آهي. سندس والدين بہ سٺي سياءَ وارا آهن. پر پئسي ۽ بنگلن هوندي بہ انسان اڪيلو آهي. اڄڪلهہ تہ "آدم بيزار" واري حالت مان هر ڪوئي گذري رهيو آهي، سنڌ ۾ ٻن ڏهاڪن کان آيل هن موبائيل جنهن کي انگريز پنهنجي ڪارگر طريقي تي استعمال ڪري ٿو ۽ اسان هر سهولت غيري ضروري طريقي سان خرچ ڪريون ٿا، جنهن ڪري گهر جا جيترا بہ ڀاتي آهن سي گهٽو ڪري گڏ هوندي بہ اڪيلائين کي منهن ڏيڻ تي، زندگي جي ڪار وهنوار جو سرشتو محبت ۽ خيال رکڻ هجي اتي اهو سرشتو بس ڪروڌ ۽ ٻي ڏيانيءَ جي ور چڙهي ويجي ٿو. هڪ گهر جي ڇت هيٺان پيءُ، پٽ کان، پٽ ماءُ کان، ڌيءُ ماءُ کان، ڀاءُ ڀيڻ کان ۽ ٻار والدين کان بيزار نظر اچن ٿا.

ثميره سان ويهندي ۽ چانهہ جي سرڪين، پڪوڙن ۽ بسڪيٽن جي ميزبانيءَ تي مون کي محسوس ٿيو اتي من ۾ اڪيلائي هئي. ٻاهران شاندار ۽ ڪلر شين ۽ وڏن ڪشادن بنگلن باوجود، ڪلر اسڪين، موبائيل، ليپ ٽاپ، اِي ميل هجڻ باوجود اڄوڪو انسان رشتن ۾ سڪڙجي پيو آهي. هن جي من جي ويڪري پڌر تي محبتن جا اهي نشان اڄ نظر نہ ٿا اچن، سونهن صرف ظاهري تہ نہ هوندي آهي، سونهن اندر جي بہ هوندي آهي، جتي جو ڪئنواس ايڏو وسيع آهي جو هن ڪائنات جي هزارها تڪيلفن کي بہ سهي ويجي پر جي پرينءَ جي محبت ملي پويس، نہ تہ انسان جيئري ئي لاش آهي.

**

# سُڏڪندڙ جيءُ

رومانہ سونهن ۽ سندرتا جي ديوي هئي، سياڻپ ۽ مانيٽي هجڻ ڪري سندس ماءُ هن تان گهور گهور ويندي هئي. رومانہ پنهنجي ماءُ جي تمام لاڏلي ڌيءُ هئي. يونيورسٽي وڃڻ وقت کان ماسي رضيہ هن جي رشتي جي ڳولا ۾ هئي. پر اڄ هوءَ بيوه ٿيڻ ڪانپوءِ رومانہ لاءِ اوتري ئي پريشان آهي جيتري هن کي جنم ڏيڻ وقت تڪليف جي ڪري پريشان هئي. سندس منڙي رومانہ جي اکين ۾ لڙڪ آهن، ساهرن جي ڏنل تڪليف تي هوءَ 9 ڪلاڪ روئندي رهي پر سندس مڙس 9 ڪلاڪن ۾ ٽي وي ڊرامو ڏسي لت ڏئي سمهي رهيو. هي اهو گهوٽ هو جنهن لاءِ رومانہ خواب ڏٺا هوندا. جنهن جي ڄڃ آئي هوندي، پٽ برادر ٿيو هوندو، سيج سجي هوندي، غلاميءَ جو جوڙ ۽ ڳهہ ڳنا پارايا ويا هوندا ۽ اهو سڀڪجهہ ان ڪري ڪيو ويندو آهي جو جيئڻ عورت کي پيار جي دوکي ۾، پڇتاءَ جي دوکي ۾، سهاري جي دوکي ۾، غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل رهڻ جا سڀ جتن ڪري سندس ذهن کي بند ڪرڻ لاءِ سڀ ڪجهہ ٿيندو. اهي لمحا جي ان کي ملندا آهن، انهن چند ٽڳيءَ جي لمحن تي هوءَ آزار سهندي آ. پنهنجي عزت ٻئي جي حوالي ڪري ان جي خوشين جو سبب بڻجندي آهي. سڄي عمر انهيءَ جنجهٽ کي پوڳيندي وَرَ کان ويندي گهر، ساهرن ۽ ٻارن کي سنواريندي آهي. موٽ ۾ هر ڏينهن هوءَ مرندي آ، هر ڏينهن ڏرتتيءَ وانگر بڻجي پوي تہ بہ ان کي نياءُ ڪرڻو آ...... .

رومانہ جو پيءُ وفات ڪري چڪو هو، سندس ماءُ پڙهيل هجڻ باوجود بيوس هئي، چاڪاڻ جو جوانيءَ ۾ هن بہ اها ئي ويڌن ڪاٽي هئي. سندس پٽ چا ٽي ڪري سگهيو، رومانہ ڪيئن پنهنجي پاءُ وٺ واپس اچي سندس سڀ درَ تہ بند هئا.

رومانہ يونيورسٽيءَ جي پڙهيل شاگرداٽي هجڻ باوجود سڀ شيءِ کان واقف هئي. اندرين صورتحال تہ اها آهي پر ٻاهرين صورتحال ان کان بہ منجهيل آهي. هوءَ چڱيءَ طرح ڄاڻندي هئي تہ عورت جي لاءِ ڪٿي بہ ڪو معاشرو آئيڊيل تہ نہ آهي پر اسان وٽ بہ گهٽو ئي ظلم آهي. تنهنڪري هوءَ بيوسيءَ ۾ انهيءَ ڏوکي ڪري گهر جي خالي پيل ڪمرن ۽ فرنيچر سان ڳاهہ ڪندي رهي ۽ هر سوال پاڻ کان پڇي پاڻ کي جواب ڏئي زندگي گذاريندي رهي پر مرد پنهنجي منافقين جيان جڏهن هن جي سامهون اچي ٿو تہ تذليل وارو پاسو ڳرو ٿي وڃي ٿو. پوءِ عورت انهيءَ ڏيڻ ۾ ڦاسي پوي ٿي ۽ ٻارن کي ڏسي جيئي ٿي. پر آخر ڪيترو! خبر ناهي ڇو بہ جسم ۽ الڳ الڳ ذهن، دل ۽ باقي عضوا رکڻ باوجود گڏ رکيا ويا آهن. پر ڇاڪاڻ!!؟؟ عورت هجڻ ڄڻ تہ ڏوهہ .... حورون تہ مرد لاءِ هونديون آهن، پر اهي بہ ملٽيون اٿس پنهنجي غرض لاءِ. انهن جو نانءُ بہ وڏي فخر ۽ خوشيءَ سان کڻندو آهي .... ۽ انهن جي آرزو بہ اٿس........!!!

رومانہ مون کي ادي ڪوٺيندي هئي، هن جو ۽ منهنجو دک ساڳيو ئي آهي، ڇاڪاڻ جو اسان ٻئي عورتون آهيون پر فرق صرف اهو آهي تہ هوءَ مراد ورتل هئڻ باوجو بي مراد آهي ۽ مان تہ آهيان ئي باغي......

هي جهان آهي تہ انسانن جو پر اهڙي ٽڳيءَ جي واردات آخر ڇو ٿو ڪري؟ ڇا هن کي اهو الزام نہ ٿو ڏئي سگهجي تہ جي گهڙي پل هو بهتر رهي سگهي ٿو تہ هو عمر پر بہ ائين ئي بهتر رکي سگهي ٿو پر..... پنهنجي شڪتين جو غلط استعمال ڪري ٿو، ان ڪري ايئن چئي سگهجي ٿو تہ پاور سپلاءِ جا سڀ ذريعا هو پاڻ استعمال ڪري سگهي ٿو. عورت صرف سڏڪندڙ جيءُ ٻٽجي رهجي ويندي آهي.

**

# سُندرتا ۽ سونهَن

هوءَ سندرتا جو حسين مجسمو هئي ۽ سندس محبوب بہ ڪوهڪاف جو شهزادو هو ٻنهي جي جوڙي خوب لڳي ها. جي ٻنهي جي دل لڳي ها.... پر هي تہ قصو ئي اُلٽو هو. زندگي بہ ڪيڏي نہ عجيب آهي، اسان سان ڪيڏا ڪيڏا نہ ڪيڏ ڪيڏندي آهي. ساهہ جي هر تنتي چرپر تي ڪنهن کي پنهنجو رکجي !! ”نتيجو۔ بي نتيجو“

هي جهان جنهن کي اسان سڀ ڪجهہ سمجهي ويٺا آهيون، اصل ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي. زندگيءَ جو اچڻ ۽ وڃڻ جو سلسلو جاري رهندو. زندگي ۽ فطرت جون سڀ خوبصورتيون ۽ رعنائيون، دک ۽ سک، سندس وجود ڪڏهن درد تہ ڪڏهن پيار ڀڙو. ڪڏهن هِجر فراق تہ ڪڏهن سُرور بڻجي، ياد بڻجي ڏنگيندو رهيو ۽ نيٺ انسان جي ازل جي پل جي خطا وري سامهون ٿي ۽ هوءَ هن جي محبت سندس لاءِ امتحان بڻجي پئي ۽ ان مرد لاءِ ”هوءَ هڪ پُلَ“ بڻجي پئي.

سونهن جا پاڇا جهڪا ٿيا، درد جا دوُر وڌي پيا، سِڪَ ۽ اُڪيرَ۔ ٿڙَ ۾ توئنر جا درياءَ وهي پيا پر سندس محبت کي ان جو ڪوبہ فرق نہ پيو. هوءَ درد جي ايذائن ۾ جلندي رهي، لڇندي پڇندي رهي، پر ڪا سارَ نہ هئي جيڪا هن کي ساري.

مرد جي محبت ايئن بدلي جو موسم بہ مٽجڻ ۾ دير لڳائيندي آهي. هو هن جي زندگيءَ ۾ هوندي ساڳئي شهر ۾ رهندي اوچتو غائب ٿي ويو. سڀ نينهن جا نياپا، سڀ پارپتا، روح جا سڀ قسم بيسود بڻيا. اڳيان اهڙي ڳجهارت سامهون جو نہ پڇڻ جي هئي ۽ نہ ئي سَلڻَ جي. ساهہ کي سارَ جي ڳٽتي ڳاراٽو ڏئي ڇڏيو ۽ هوءَ ازل جي پياسي، پنهنجي محبت جي دنيا ۾ دنيا وارن کان هارائي وئي، جنهن پنهنجي ”الف“ جي ڊائري ۾ ”نہ“ سان انڪار ڪڏهن بہ نہ رکيو. اها اندر ئي اندر پڇي پور پور ٿي رهي هئي. پر ڪوئي نہ هو جنهن هو درد جو داستان ٻڌائي پنهنجي سور کي هلڪو ڪري. ڪوئي نہ هو جنهن کي نياپو ۽ سنديس ڏئي سگهي ۽ سڀ هن وٽ بي بسي هئي، ڳٽتي ۽ سندس محبوب جو آخري تحفو بي وفائي. بي وفائي ۽ وفا جيئن تہ ماٺهو مٽجي ٿو اندر ئي اندر ۾ جنگ ڪري ڪري هاٽي هو ساٽي ٿي پئي هئي. ڪڏهن بہ سندس محبوب کي هن تي رحم نہ آيو جو هو ”مرد“ هو. مرد سان محبت بيڪار آهي.

هن جهان ۾ محبت ڪرڻ بيڪار آهي، هوءَ اڪيلائين جي زندگيءَ جي ور چڙهي وئي. بس هن سان ملڻ ۽ جدا ٿيڻ تائين جي پوري فلم ان جي اکين ۾ اندر ۾ هلندي رهندي هئي. سندس دل ۾ من اڄ بہ سندس ياد جا ڏيئا ٻاريندو رهندو آهي.

محبت ڇا آهي، ڪيئن آهي ۽ ڇو آهي؟ ان جا سڀ جواب هن کي ملي ويا ۽ پوءِ هوءَ ”قالو بليٰ“

جي انهيءَ واعدي ڏانهن وڏي جتي سندس نفسي بدن ۾ قيد روح کي اجا بہ ڪجهہ ياد ڪرڻو ۽ ڪيئن ڪرڻو ۽ ڪين تي ڪرڻو پئي فيصلا تمام ڏکين حالتن جي سامهون اچڻ کان پوءِ سمجهيائين.

جڏهن هن پيار جي سمورن رشتن سان محبت ڪئي هن ڄاتو سڀ ڪجهہ وقتي طور تي جيتوڻيڪ انهيءَ ۾ انساني محبت جا ڪل رشتا جزوقتي آهن. بس جڏهن محبت پريو دائمي نقش ڇڏيندو انسان، پنهنجي اڻپورتا کان پورنتا تائين پڄندو يا وري زندگيءَ جي آويءَ ۾ پچي راس ٿي ڪنهن نہ ڪنهن نينهن سان ملاقات ڪندو. وڇوڙا ۽ ميلاپ، ڄمڻ ۽ مرڻ سڀڪجهہ ايئن ئي هلندو رهندو جيستائين هو پاڻ چاهيندو رهندو ڪوئي بہ نہ، سونهن ۽ سندرتا بہ اڻ مٽ رهندو پوءِ ڪوئي منزل تي پڄندو ڪوئي منزل تي پڄڻ کان اڳ ئي ٽڪجي پوندو.

بس هن جي آڪاڻي بہ ڪجهہ اهڙي ئي روح جي محبت هئي جيڪا غرض جي دنيا کان گهڻو پري هجي ٿي، اتي پڄڻ لاءِ اڪين ۾ وسيل ان عڪس جي ڇاڇي جي ڳولا، پنهنجي اڌ جي ڳولا لاءِ هوءَ محبت جي آويءَ ۾ پچي ۽ پوءِ پنهنجي انت کان بي خبر هن اهو سفر شرع ڪيو. قالوبليٰ جي ڪيل واعدي تائين پڄڻ لاءِ ۽ منطقي انجام تائين تڏهن پهچي ٿي جڏهن اهي سڀ پيار ۽ محبتون توهان کان ڇڏائجي وڃي وري ڪو ٻيو روپ وٺن ٿيون، تڏهن توهان کي واپسيءَ جو رستو ڪليل رکڻ گهرجي، جتي اوهان ان سان "قالو بليٰ" جو واعدو ڪيو هو. جتي اچي محبت عشق جي روپ ۾ دوام بڻجي پئي ٿي، عشق ۽ حسن پئي لافاني بڻجي پوندا آهن. پر عشق جي منزل ايتري سؤلي ۽ سهنجي ڪونهي. اها سچل جي ان شعرن وانگر بلڪل اهڙيءَ ريت پرڪشا ڪري ٿي جو انسان جا سمورا ڪباب بڻجي پون يا وري ڇٽيل اَن وانگر ان کي محنت مان گذاري ان جو ذرو ذرو الڳ ڪري وري ملايو وڃي تہ پوءِ "قالو بليٰ" جو واعدو پورو ڪري سگهجي ٿو ۽ ان پل ڳالهہ هڪ ڀيرو ٻيهر ياد ڪري سگهجي ٿي.

پيار جي هر روپ ۾ هوءَ دردوندي ديس کي هارَ ئي هئي ۽ ڪيڏي ۽ ڪهڙي نہ جنگ وڙهڻي پئي هيس. هن جهان ۾ فطرتي ۽ انساني رازصرف ۽ صرف امتحان ۽ آزمائش ڪانسواءِ ڪجهہ نہ آهن، اسان انهيءَ گهاڻي ۾ پيڙهبا پيا ٿا رهون ۽ پوءِ پنهنجي پنهنجي منزل تي پڄون ٿا. هتي هئا ويچار ان جا جيڪا سونهن، سندرتا ۽ سوچن ۾ ورتل هئي، هن پنهنجو سفر ان تنهائين جي قيد مان شروع ڪيو هو. نہ ڄاڻ هوءَ ڪهڙي منزل جي مسافر هئي، جنهن تائين هن کي پڄڻو هو يا صرف ڪن کي منزل تائين رسائڻ جو وسيلو هئي. هوءَ ڇا بہ ۽ ڪيئن بہ هئي پر محبت جي ڪُنَ ۾ ڦاٿل هئي. جتي هن جي روح ۾ "قالو بليٰ" جو واعدو وساري نفس جي دنيا ۾ اجنبي بڻجي سندس وجود جي دنيا ۾ اجنبي بڻجي پئي سندس وجود طئي ٿيل مقام ڏانهن راهي هو. هوءَ جڏهن پيدا ٿي هئي پنهنجي امڙ جي بدن مان، چون ٿا، جڏهن ان کي ٻڌايو ويو تہ تمام تڪليف کانپوءِ اجا بہ وڏيڪ ويجهن کي گهرائڻ جي التجا ڪئي وئي هئي. سندس پيءُ وٽ ۽ هن کي سنديس اماڻيو ويو هو تہ ٻنهي جي حالت ڳڻتي جوڳي آهي ۽ پوءِ نيٺ تہ هن سورن جي سرزمين تي هن کي روئندي اچڻو پيو، جيئن هرڪو آيو آهي. پر هوءَ روئندي

نہ آئي هئي، پر ماٺ ۾ هئي. خاموشيءَ ۾ هئي. سندس ڀوريون ڀوريون ۽ ڳريون وڏيون اکيون، گول منهن ۽ صحتمند جسم ۽ ڇپن جي مرڪ ڏسي گهر جي مڙني ڀاتين جا سمورا درد لهي ويا. جڏهن "الله اڪبر" جي صدا بلند ٿي، جڏهن آذان ڏني وئي ٻن پهرن جي تہ هوءَ پنهنجي وجود سان اڇي نڪتي هڪ ڪڪائين گهر جي منَهن ۾ جتي سندس امڙ جا سور پنهنجي ٻچي کي ڏسندي لهي ويا.

ڏاڏي امان هن کي ڏسي سرهي ٿيندي چيو. "هو بهو پنهنجي ناني جي مثل، هاڻي اها بہ اسان کان ڏاج وٺندي، زندگيءَ جون حسناڪيون ڪيتريون نہ دل لڀائيندڙ هونديون آهن. ڪائنات جي مالڪ ڪيڏا نہ رنگ ۽ روپ جوڙيا آهن. انهن ۾ ڪيڏي نہ سندرتا ۽ سونهَن آهي.

رشتا جن ۾ پيار آ .... امن، احساس ۽ سرور آهي.

ڪيف آهي، مستي ۽ موج آهي، محبت ۽ عشق آهي، ڪيئن نہ لازوال آهي. پر ڇا واقعي اهو سڀڪجهہ آهي بہ صحيح يا ڪوئي خواب آهي.

يا ڪائي حقيقت آهي.

يا ڪائي درستگي آهي.

يا ڪائي دنيا الڳ هئي.

هيءَ ان جي بي يقيني آهي .....

بلڪل آهي ..... جيئن يقين ٿئي.

**

# چار سهيليون

هوءَ سدائين سوچن جي سمنڊ ۾ ٻڏل رهندي هئي، سندس ڪاليج ۾ هڪ تہ دوست هئي سهٽي ۽ سندر هميشہ کِلندي رهندي هئي ۽ رانيا جو بہ تمام گهڻو خيال رکندي هئي. رانياۓ مرڪ ڇهين درجي کان گڏ پڙهيون هيون ۽ ڪاليج ۾ پڻ ساڳئي گروپ ۾ داخلا ورتي هئائون. جيتوڻيڪ مرڪ کي ڊاڪٽر بڻجڻ کان سخت نفرت هئي پر پوءِ بہ هن رانيا ۽ باقي سهيلين جي ڪري سائنس پڙهڻ کي ترجيح ڏني هئي. رانيا انهن جي گروپ جي سرواڻ هئي پر مرڪ سندس خيال پوءِ بہ گهڻو ئي رکندي هئي.

هڪ ڏينهن چارئي سهيليون ڪاليج جي لان ۾ ويٺي ڳالهيون ڪري رهيون هيون. ٻارهين ڪلاس جو امتحان اچڻ وارو هو ۽ رانيا اهي ئي خوابن ۽ خيالن ۾ رهڻ واري آئيڊيلسٽ (Idealist) ڇوڪري هئي پر... مرڪ .... ادب ۽ فلسفي، آرٽ تي ڳالهائڻ واري هئي تہ رانيا وري سائنس ۽ ٽيڪنيڪل حوالن سان پنهنجي سڃاڻپ رکندي هئي. هوءَ ادب ۽ شاعري جهڙيون تحقيقي ڳالهيون ۽ ڳجهارتون ڏيندي هئي تہ هوءَ ڪلاس جي سائنس سبجيڪٽ ۾ مٿئ ۾ سٺا نمبر ڪڻندي هئي.

رانيا جيڪا پاڻ سونهن جي اڻمٽ نقش هئي، سندس صورت ۽ سيرت، ڪردار ۽ نفاست ۾ هن کي ڪاليج جون ٽيچرز کان ويندي شاگرديائڻيون ۽ سهيليون پنهنجو آئيڊيل سمجهنديون هيون.

رانيا تصورات جي دنيا سان گڏ ڏکن جي پاسي کي ڪجهہ گهڻو محسوس ڪندي هئي. هوءَ پنهنجن کان رتيءَ برابر رُسڻ جي سگهہ نہ ساريندي هئي. هوءَ بيحد پيار ڪندڙ ۽ پيار ڏيندڙ رانيا هئي. بلڪل ايئن جيئن "سچو سون".

هوءَ پيار جي دنيا جي راڻي هئي، سندس زندگي آخر انهيءَ تي End تي ۽ هوءَ پيار جا سڀ ورق ڪائنات جي ازلي سچ سان ملائي پاڻ کي امر بڻائي هتان هلي وئي ۽ اتي وڃي پهتي جتي نيچر هن جي روح ۽ جسم کي آزاد ڇڏيو آهي.

انٽر جي امتحان کان پوءِ رانيا ۽ سندس سهيليون هاڻي صرف فون تي ڳالهائي سگهنديون هيون. پر پاڻ ۾ ملي نہ سگهنديون هيون. سِڪَ ۽ اُڪيرَ جو اظهار ڪري هو پنهنجي پنهنجي گهر ۾ اتين جو خيال رکندي هئي. بس انهن جي لاءِ ايترو ئي ڪافي هو تہ ڪڏهن ڪڏهن هڪٻئي سان ٽيليفونڪ گفتگو ڪري سگهن.

رانيا سچو ڏينهن پنهنجو پاڻ کي ڪتابن ۾ مصروف رکندي هئي يا ٽي وي ڏسڻ ۾ يا وري وڏين ڀينرن کان هٿ جو ڀرت ۽ سلائي ڪرڻ پڻ. جڏهن تہ سيما گهر ۾ اڪيلي هئي، هن جي پوري فئملي ڊاڪٽر هئي تنهنڪري هن کي گهر ۾ اڪيلائي ئي ملي هئي، جڏهن تہ رانيا سيني ڀائر ۽ ڀينرن ۾

**نندڙي هئي، سندس پائر نوڪريءَ ۾ ۽ پينر وڏيون هيون.**

**رانيا پنهنجي گهر ۾ سيما پنهنجي گهر ۾ لاڏليون هيون. پر سمجهداري ٻنهي جو شيوو هئي. هو ٻئي ڪڏهن بہ اهڙيون ٻاراڻيون حرڪتون نہ ڪنديون جنهن سان سندن پيءُ ماءُ جي دل ڏکي. پر هو ٻئي پنهنجي پنهنجي خاندان جو ساهہ هيون. سندن سڀاءَ ۾ ايتري طاقت هئي جو بغير ملاقات جي هڪٻئي جي گهر ڀاتين کي سڃاڻنديون هيون ۽ اهي سڀ هڪٻئي سان غائبانہ پيار ڪندا هئا.**

**امتحانن کان رزلٽ تائين چار کان پنجن مهينن جي عرصي ۾ آخر هوٻئي چا ڪن نيٽ ٽيليفون تي اهو فيصلو ڪيائون تہ سيما ڪمپيوٽر ٽرينر جوائن ڪندي ۽ رانيا بہ گهر وارن سان ڳالهائيندي ۽ اهو فيصلو رانيا جو هئو...!!**

**چاڪاڻ جو سيما گهر ۾ بور ٿي رهي هئي، اڪيلائي هن کي سڄو ڏينهن کائيندي هئي، ٻيو تہ هن جي پلاننگ ميڊيڪل جي وڏي فرصت کان بچڻ پڻ هو جنهن کان هوءَ ڊنل ۽ خائف رهندي هئي ۽ شديد نفرت ڪندي هئي. هوءَ چوندي هئي،**

**"ڊيئر رانيا! مون کي ڊاڪٽر اصل نہ وڻندا اٿئي. ممي پاپا ڊاڪٽر، ڀيڻ ڀاءُ ڊاڪٽر. حد تہ اها آهي جو ڀاڄائي بہ ڊاڪٽر، انهن سڀني وٽ مون لئہ وقت ئي ڪونهي ۽ آءٌ، ماسي ڪم واري ۽ پورو گهر سانءِ سانءِ ڪندو آهي."**

**رانيا، "تون بہ ڊاڪٽرياڻي ٿجانءِ."**

**"مون کي ڊاڪٽر نہ وڻندا آهن۔ I hate medical field "**

**رانيا سندس ڳالهہ ٻڌي چپن تي هميشہ واري مسڪراهٽ آڻيندي سوچيندي چيو "ائين تہ ٿيندو پر اسان جي Parents جي خواهش اسان جي خواهشن کي هميشہ مات ڏئي ڇڏيندي آهي....!!"**

**

# پاتال

مون کي سمجهہ ۾ نٿو اچي، جنهن کي زندگيءَ جو ساٿ گهرجي، جنهن کي پوري زندگي ساٿ نڀائڻو آهي، سو نظر ئي نہ اچي. جنهن کي تن من وڻڻو سو بي خبر. جنهن کي احساس وڻڻا ۽ ڏيڻا آهن، سو لاچار. سندس شادي ڪرائڻ وارا اسان جي سماج جا ماڻهو سندس ابي امان کان ويندي مٿن مائٽن تائين ايئن ڪڏندا جڻ ...... جي اهو ڪيرٽر جبل نہ ڪاهيائون تہ جڻ سڄي زندگيءَ جو ڪيل انهن لاءِ سو زائفون توڙي مرد ائين پيا پڇائون ڪندا جڻ شادي نہ ڪرڻ ڪو گناهہ ڪبيره هجي ۽ وري رشتو ائين ڳوليندا تہ جهڙوڪ مرد يعني پٽ يا پاءُ، نُهَن يعني عورت ڏيءُ يا ڀيڻ جڻ جانور جو واڪ لڳائي پوءِ پنهنجي سيني مهارتن جن ۾ رشتي، مڱڻي، پڏرائي، تاريخ، يت برادر نڪاح، لاؤن ۽ رخصتيءَ تائين سندن واپار ڪندي ڪندي انهن سيني کي خبر بہ نہ پوندي تہ اڳتي هلي سندن شاديءَ جو اهو وهنوار ڪين ڪيتري ۾ پوندو.

جڏهن عورت چانئٽ ٽپندي آهي تہ پوءِ تنهن ڏينهن کان ٽيندا فيصلا، رک مولا تي، اصل پيءُ ماءُ، پينر پائر گهٽ ڪونہ ڪندا. باقي رهي سهي ڪسر ڀنهي جا مائٽ اڳتي هلي گڏ پوريون ڪندا. چوندا آهن تہ ”مڙس تہ ڦڏو نہ تہ جڏو.“ سو شينهن ڪلهي چاڙهڻ وارو مرد. جنهن تي چڙهي اهو بہ مرد. جنهن لاءِ اڳتي جيئندي سو وري ٽيندس پٽ، جنهن آندو اٽس ڪشالا ڪاٽي اهو سهرو. هاڻي بہ منهپ ڦاٽي.

پٽ يعني مرد هاڻي نہ رهيو ابي جو ۽ نہ امڙ جو اهي پيرن تي هٽ رکڻ بہ وسري ويس. هاڻي ماءُ جو ٽيءُ يا زال جو. هو بہ اهڙو وائڙو ٽي بيهي ٿو جهڙو شاديءَ جي خفت مهل هيو. پوءِ بس سائين چا ٽا پڇو؟

”ڪٿي ڍور سڃيا، ڪٿي چور سڃيا“ واري ڪارِ بہ ٽئي تہ ڪٿي ڀئي اڀوجهہ جو ناٽڪ ڪري پيا گاڏي کي گهليندا ويندا. روز ڏاند گاڏي مان جهاڙ جي چڙهڻ جي ڪري. ”اڙي چورا مارَ پوئي، ماڻهين اهو سيڪاريو اٿئي!“ جي ڏاڏر ڪندڙ پنهنجي ئي ابي امان جو ظلم.

”پيار ڄاڻي تي ڪرائي“ پنهنجي ڏيءُ جي سڱ جي ڳڻتي ڪرڻ وارو مرد.

”اڙي سُڪان ٻڌين پئي، ابو امڙ بہ وينِي وارو وڃائي......“

”هائو هائو! ٻڌم.... رات ياد پيا اٿئي، ائي ماريا ڪهڙن پورن ۾ آهين، ننڊ تہ ڪرڻ ڏي“

”ڪڏهن نہ سمجهاڻ سک ......“

”بلي ..... اصل بس پڻهين وٽ تہ هندورن ۾ پئي لڏندي هئي، منهنجي ابي امان جو ٻڌي تہ بس ننڊون ٽيون ڦِٽَني.“

”پيو نہ تہ ھي ڪا مھل آ، انھن کي ياد ڪرڻ جي.“
”ڇو؟ ڪونہ آ مھل، ماري ڀوَئي،ھاٿي نھيو گھٽو بڪ نہ ... صبح ٿئي تہ ڪٽي قرآن بخشرايون، تہ من نہ من کو ڇوٽڪارو ٿين.“
”مار.... توسان تہ ڳالھائڻ ئي اجايو آ.“
”مون کي ڇِٽو ياد آھي، ماسي ڦاپل وارن جڏھن پنھنجي پوٽن جي سنت جو سڏ ڏنو ھو اسان شھري ماٺھو ڳوناٺن جي پھرين ريت ۾ شريڪ ٿي ھئس پر اجا تائين نہ وسرندي آھي......“
”اھا ريت، اھا پت برادري، اتي ڪھڙا ڪھڙا لقاءَ ڏنا ھئا.... ھڪبئي جي ھٿ رت، ٻني ۽ گھر جي پت تان ڪيئن جھيڙي ۾ جھتجي ويا ھئا. ديڳيون ۽ مانيون سڪي رھيون ھيون پر سيني پاڻ کي غلام گردش جي پاتال ۾ اڇلائي ڇڏيو ھو.“

**

# اڪيلائين جي اذيت

هوءَ هن ڀيري 900 ڪلوميٽرن جو سفر نہ پئي ڪرڻ چاهي، پر پنهنجي عزت مآب ڪلاس فيلوز جي ڪري سندن ساٿ ۾ ساٿ ڏيڻ جي ڪري سشما کي سفر جي شيٽ سان گڏوگڏ Call ٿي، پنهنجي استاد ۽ ڪلاس فيلوز سان اهو وچن ڪرڻو پيو تہ هوءَ ان اسائنمينٽ ۾ گڏ هوندي. پر سشما پنهنجي گهر ۾ بہ تمام گهڻي مصروف رهندي هئي. سندس عمر هاڻي چاليهہ سالن جي لڳ ڀڳ ٿيڻ واري هئي پر سندس دل اڃا "ڪنواري" هئي ڪوئي بہ تہ اُتي ڪونہ آيو. ڪير اچي بہ ڪيئن هوءَ ايتري خوبصورت ۽ ساپياون هئي، ڪوئي پاڻ ۾ سگهہ ئي نہ ساري سگهيو هو.

ڪائنات ۾ هوءَ اڪيلي رهڻي هئي، شايد قسمت ڪري بہ پر هيءَ تہ ڪوئي مجڻ لاءِ تيار نہ هو هر ڪوئي پڇڻ وقت، وقت جي دز جا جوتا ان تي لڳائيندو هو. موٽ ۾ سشما منجهي پوندي هئي. ڪڏهن ڪوئي بهانو تہ ڪڏهن ڪو ٻيو بهانو ڪري هوءَ پنهنجي جاڻ سڃاڻ مان پنهنجو پاڻ کي پاس ڪرائي ويندي هئي. پنهنجي پر ۾ سندس دوست تہ هاڻ ڪائي نہ هئي، تنهنڪري پيار ۽ شاديءَ جا سوال سڀ دوستيءَ جو دم ڀريندي پڇندا هئس ۽ اهو ئي باور ڪرائيندا هئس تہ اهي سڀئي سندس سڄڻ ئي تہ آهن.

هوڏانهن پنهنجي دنيا ۾ اڪيلائين جي اذيت ۾ گذاريندڙ سشما پنهنجي دنيا ڪان واپس اچي پنهنجي پيار ۾ حاصل ڪيل اذيت کي ڪنهن جي سامهون بيان بہ نہ ڪري سگهندي هئي. سشما پنهنجي خاندان جي اڪيلي پرگهورَ لهڻ واري شخصيت پڻ هئي. هوءَ جڏهن بہ ان پيهہ پيهان واري شهر مان پنهنجي ڪم ڪندڙ اداري مان واپس ٿيندي، اها بس ۾ سندس تنهائي جي لاءِ خوشين جا جهونڪا آڻيندي هئي.

هوءَ پنهنجي فرم مان شام جو ڇهين وڳي نڪرندي هئي. انهيءَ فرم ۾ هوءَ ڪم ڪندي ڪنهن سان بہ نہ ڳالهائيندي هئي. ڪائنات ۾ ان کي دوڪا بہ ايترا ئي مليا هئا. سشما پاڻ کي گهڻو پري ڪري ڇڏيو هو جتي سندس من جي اڪيلائي سندس سهيلي هئي... بس ۾ شڪر ادا ڪندي هئي تہ سندس ڪابہ فرم ڪليگ ان روٽ جي نہ هئي. نہ تہ استاپ ڪان وٺي گهر تائين شايد ان کي اها جهٽ بہ سڪون جي ملي ها. چاڪاڻ تہ زندگي زنده آهي، ان کي خوشي پيار ۽ سانت يقين گهرجي ٿي. پر سشما ۽ ٻين ڪيترن انسانن وٽ زندگيءَ ۾ اصل جوهر هجي ئي نٿو ان تحت هو بہ هن زندگيءَ کي ماڻي سگهن ۽ زندگيءَ ۾ ڪڏهن رليڪس رهن. سشما کي پلا اهو ڏينهن ڪيئن وسرندو جڏهن فائن آرٽ ڊپارٽمينٽ ۾ پاس آئوٽ ٿيڻ ڪانپوءِ هڪ وڏي پروگرام کي رٿيو ويو. جنهن پروگرام کي هنن پنهنجي استادن سان گڏ ويهي ڊيزائن ڪيو هو ۽ جڏهن پروگرام حتمي شڪل ۾ اچڻ واري صلاح تي

پڇڻ لڳندو هو تہ سشما جهٽ سان چوندي هئي، ”پر مان شايد پروگرام ۾ پهچي نہ سگهنديس.“ تہ سڀ ڪلاس فيلوز هن ڏانهن تڪي اهو ئي چوندا هئا، ”ڏسو ايئن نہ ٿيندو تہ پوءِ اسان پنهنجي ٽارگيٽ تائين ڪونہ پهچنداسين. اسان ڪي هن قسم جا پروگرام پنهنجي مدد پاڻ تحت ڪرڻا پوندا، ڇاڪاڻ جو اسان آرٽ کي پروموٽ ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ اسان سڀ اهو چاهيون ٿا.“

اهي سمورا ويچار پيش ڪيا سندس ان ڪلاس فيلو جيڪو فائن آرٽ مان ۽ هنن جي بيچ مان پهريون شاگرد هو جنهن يونيورسٽيءَ مان گولڊ ميڊل حاصل ڪيو هو.

راول، سشما سان مخاطب ٿيندي چيو”سشما! توکي هر حال ۾ اچڻو پوندو. توهان کان سواءِ ۽ توهان جي ساٿ کانسواءِ اسان اهو پروگرام نہ ٿا ڪري سگهون. اسان جي فائن آرٽ ڊپارٽمينٽ اسان جي بيچ ۾ آرٽ جا مجسمہ تہ توهان ئي آهيو.“

”ڏسو آءُ توهان کي سيني جي سامهون چوان ٿو تہ توهان ايئن نہ ڪندا، ڇاڪاڻ جو سيئي پروگرام ڊزائن ڪرڻ وارا آهيون پر آرٽ سان دلچسپي جي ڪري ان ۾ سڀ کان وڏيک Contribution بہ تہ توهان جو ئي آهي. اسان جو بہ آهي اسين سڀ دوست ايئن ئي گڏ هونداسين ۽ اسان گڏجي نئين وٿ سان اهڙا ڪم ڪنداسين. هاڻي ڏسو نہ آرٽ جي لاءِ ڪڏهن بہ يونيورسٽي جو ايڏو وڏو شعبو آهي، ان ۾ ڪا بہ Exhibition نہ لڳائي وئي آهي، پر اسان ڪنداسين.“

راول جي ايڏي وڏي سٽي ياشڻ تي چانهہ پيئندي سيني هاڪار ڪئي. ۽ سشما پڻ پنهنجي مجبورين ۽ معذورين کي ڪٽيندي پنهنجي ذهن ۾ نيٺ هاڪار ڪئي.

“Ok _ It's ok”

سشما وراڻيو”۽ اسان سڀ اهڙيون ڪوششون وٺي فن کي پروموٽ ڪرڻ چاهيون ٿا ۽ اسان سيئي پنهنجي ڪمٽمينٽ سان سچا آهيون ۽ اهو سڀ ڪندي اسان ڪيڏا نہ خوش هوندا آهيون پر هڪ تمام وڏي Exhibition جيڪا اسان پنهنجي استادن کي پنهنجي يونيورسٽي کي Tribute ڪنداسين.“

قلندري طبيعت جو هڪ ٻيو ڪلاس فيلو جيڪو سشما سان مذاق ڪري پنهنجي زندگيءَ جو بار هلڪو ڪندو هو ان پنهنجا ويچار ڪجهہ هيئن پيش ڪيا، ”يار! اهو ڪم آهي تہ بهتر ۽ پلو پر توهان سڀ رڳو صلاحن جون ٻتاڪون هڻدؤيا اسان مان هر ڪوئي پنهنجي پنهنجي ڪم کي ورهائي ڪٽي- پوءِ وري ڪنبا نہ ڪيڏا پون.“

راول،”تون تہ صفا چٽ آهين، اڙي چريٽ اسان جي بيچ مان توهان چار ئي تہ آهيو جيڪي ايڏي وڏي آرٽ جي ايگزيبيشن ڪرائيندا. باقي اسان سڀ ساٿ ۾ ئي تہ آهيون.“

”ڇا مطلب يار؟“ چريٽ چيو.

راول،”چريا! Financially توهان چارئي پوزيشن ۾ ۽ نوڪرين وارا آهيو. سو اهو ڪم توهان

چئني ئي تي آهي. يعني تون، سشما، سورمي ۽ سورٺ.“
ڪريم ڏني چيو”۽ سائين توهان پاڻ....؟؟“
روال ”سائين اسان تہ آهيون ئي آهيون.“
سشماپنهنجي بيوقوفيءَ ڪي ظاهر ڪندي فرمايو”پر اهو تہ ٻڌايو پر هيڊ ڪيترو حصو بيهندو“
۽ ان سان گڏوگڏ ٿلهي متاري سورمي بہ چيو. ”حاضر جيڪڏهن توهان سڀ سيريس آهيو تہ پوءِ سيني ڪي Participate ڪرڻو پوندو.“
راول،”اڇا پلا سيريس ڪيئن ٿيون؟ مان چيئرمين صاحب سان ڳالهائي ڇڏيو آ، سائين بہ راضي آ_ ۽ اهو سڀ پهريان، ڇا توهان نہ پئي چاهيو..؟؟“
سشما،”او. ڪي“
”هاڻ جڏهن اهو سڀ ڪرڻو ئي آهي تہ پوءِ ڪرڻو آ، نہ تہ پوءِ وقت نہ سيڙايو. آخر.... پيا بہ ڪم ڪار آهن، فضول وقت نہ وڃايو ۽ بس سڀ ايگريڊ ٿيو ۽ اهو ٻڌايو ڪڏهن تائين پروگرام ڪرڻو آهي؟ ڇاڪاڻ جو موڪل بہ وٺڻي پوندي. باقي توهان سڀ تہ آهيو واندا ماڻهو.“
راول ”ها سائين .... سچ ٿا چئو.“
سشما ”ان ۾ سائين چوڻ جي ڇا ڳالهہ آ، مون غلط تہ ڪونہ چيو. ڪرڻو آهي تہ ڪرڻو آ، صبح کان وٺي گهوگهيتي وانگر ڇمي پيا هلو.“
راول ”Ok _ Ok“
سشما ”ماءِ ڊيئر! اسان سيني جي راءِ اها آهي تہ جيئن تہ برسرِ روزگار آهيو ۽ سين کان سينئر آهيو تہ هن پروگرام جي Finance ۾ صرف ۽ صرف توهان Participate ڪيو. باقي توهان جي فرم مان اوهان کي موڪل تہ ڏکي ملندي تہ پوءِ سڀ Arrangements اسان تي آهن.“
”پر...!“ سشما وراڻيو”اها تہ زيادتي آهي، مان اڪيلي سر هن Exhibition لاءِ ڪيئن سڄو امائونٽ پريندس، توهان سڀ ڇا ٿا چاهيو؟“
راول ”اڙي بابا اسان بہ توهان سان گڏ آهيون.... اسان ۽ توهان ۾ ڪهڙو فرق آ.“ سين چيو ايئن نہ آهي.
سورمي چيو”سشما اسان سڀ گڏ آهيون يار!“
سشما ”پنهنجي اندر جي دنيا ۾ ائين فرق ٿي وئي جيئن ٽوبو پاڻيءَ ۾.“
هوءَ سوچڻ لڳي .... پر اهو سڀ ڪيئن ٿيندو؟ باقي سڀ مسئلا ڪيئن مئنيج ڪنديس.
سورميءَ جي آواز تي سشما خيالن جي دنيا مان واپس وري آهي.
سورمي ”سشما! اسان بہ ڪنٽريبيوٽ ڪنداسين، تون دل نہ لاهہ ۽ هي سين جو پروگرام تو هڪڙيءَ جو ٿورئي آهي، مون مان صرف موٽ.“
سشما تي دل ڏيندڙ تہ گهڻا هئا، پر هن جي ڪنهن تي اک ئي نہ ٻڌندي هئي. هن کي اها خبر ئي

نہ هئي تہ جنهن پيار ۽ پاڀوهہ ۾ هوءَ پنهنجي ڊپارٽمينٽ جي ناماچاري ۽ آرٽ جي پروموشن لاءِ ڪجهہ ڪرڻ چاهي ٿي، اتي ئي هوءَ سهٽيءَ وانگيان پڏندي......

ڪير ڄاڻي تہ اڳيان وقت سندس لاءِ ڪهڙي سوغات آڻي ٿو ۽ ڇيو جيو ڪي ڪهڙي خبر تہ زندگيءَ جي جيو گهرڙن ۾ ساڻس وابستہ جيوهن لاءِ ڪيئن نہ اذيت جو سمنڊ آڻيو ڇڏين.

سشما وراڻيو "تہ پوءِ مون ڪي اجازت ڏيو مان هلان ٿي، پنهنجي فلائيٽ تيار آهي. ٿوري بہ دير ٿي تہ فلائيٽ اڏامي ويندي ۽ پوءِ ڊيمي رينجر لاؤنچ يعني بس اسٽاپ تي سڄي حياتيءَ جو اڌ حصو ڪنهن ايبسٽريڪٽ پينٽنگ وانگر بڻجي ويندو."

سڀ هڪ آواز ۾ "ها صحيح پئي چوين...."

"ايئن ئي ٿيندو....؟؟؟" سڀ ڪلندي.

سشما،"هاڻ اٿو بہ ڪٽي، شيئر جو فڪر نہ ڪريو متان ساهہ وڃيو مان پارٽيسيپيٽ ڪيان وڏي خود سا دلي سان باقي توهان سڀ پاڻ ڄاڻو."

"نہ سشما سان سڀ گڏجي ڪيون پيا ۽ اسين سڀ ڪلاس فيلوز ۽ دوست آهيون. ڪراين ڪي سرڪائيندي انهن سيني پنهنجا پنهنجا لفظ پڙڪيا."

جڏهن هو هوٽل مان نڪتا ۽ پنهنجي منزل ڏانهن راهي ٿيا هئا تہ راول چيو. "بس مهيني ۾ اهو پروگرام ڪرڻو آهي. توهان ٽئي سشما کي اطلاع ڏنو ويندو ڇاڪاڻ جو توهان ڪجهہ ڏينهن فرم جي طرف ڪنهن ٽريننگ تي ويندا."

" Oh! really " سورميءَ ڇيو ۽ سيني مسڪرايو.

سشما،"هون هون تہ پوءِ مون کي Inform ضرور ڪجو. جي اچي سگهيس تہ اچي وينديس."

راول، چريٽ، سورمي سيني "Ok" وراڻيو.

سشما ٽڪڙيون وڪون ڪڻندي روڊ ڪراس ڪيو ۽ پرئين پاسي ڏانهن ڪجهہ وکون هلندي اسٽاپ تائين پڄي بيهي رهي. بس جيڪا اچڻ جو نالو ئي نہ پئي ڪٽي. پندرهن منٽ ۽ هنن وڏي شهرن جي گُهٽ ۽ ٻوسٽ اصل دم ڪڍيو ڇڏي. بيهي بيهي پير سُن ٿي وڃن تہ بہ بس جو نالو ئي ڪونهي.

سشما اهو ئي سوچي رهي هئي ۽ بس اچي وئي، وڏي مشڪل سان جڳهہ ملي تہ ڪجهہ ساهہ ڪنيائين بس هلندي هلي ۽ روڊ بہ ان سان ڀڄندو رهيو ۽ وقت بہ اهڙو درياءُ آهي ڪڏهن ٻوڙي تہ وري ڪڏهن تاري.

سشما هاڻي پنهنجن خوابن ۽ خيالن مان نڪري آئي، عمر جي ان حصي ۾ جڏهن پيار جا ڏانوڻ ڪاٽيا وڃن تہ عمر پڪي لڳندي آهي.

سشما پنهنجي اندر جي دنيا ۾ پڄي پور پور ٿيل نازڪ ۽ نفيس روح هئي جنهن وٽ سوا درد ۽ انهن کي جهيلڻ جي ٻيو ڪو وس نہ هو. سشما جا والدين انتهائي پيرسن هئا، هوءَ پنهنجي والدين جي

پوري پوري سنڀال لهندي هئي. پروگرام جي فنڊنگ ۾ سندس ڪنٽريبيوٽ نہ ڪرڻ هن کي پنهنجي فرض سان ڪوتاهي پئي محسوس ٿئي. پر سشما پنهنجي پاڇي وقت مان پينٽنگز ٺاهي پنهنجي واڌو خرچن کي پورو ڪندي هئي ۽ اهي پينٽنگز سندس شهر جي هڪ وڏي بيگم ”بي بي“ وٺندي هئي. هوءَ پنهنجي سيني پينٽنگز جو ڪوبہ ملهہ نہ رکندي هئي. بس سشما ڏاڍي پورڙي ڇوڪري هئي. هوءَ جنهن تنهن جي پيار ۾ پنهنجو سڀ تَنُ مَنُ وسائي ڇڏيندي هئي.

سشما ”اڄ مون کي ميڊم بي بي سام ملڻ گهرجي.“ هوءَ بس اهو سوچيندي رهي تہ ايتري رقم آڻيندي ڪٿان، پورڙائيءَ ۾ هوءَ ها تہ ڪري ويئي پر ..... هاڻي تہ ڏچي ۾ اچي پئي. هن مهيني سندس امڙ جي دوائن تي گهڻو خرچ اچي ويو هو. بهرحال هاڻي پريشانيءَ ۾ هن پاڻ سان ڳالهايو ۽ ائين سندس گهر جو اسٽاپ بہ اچي ويو. سشما کي خبر ئي نہ پئي.

وقت ڪائنات جو ازلي ۽ ابدي سچ بخشيندو آهي، سو هڪ اهڙو سچ سشما جي لاءِ اچي رهيو هو جنهن جي سشما کي ڪا ڪلَ ئي ڪانہ هئي. بس هو را ڪورا هيس تہ پروگرام ٽي وچي ۽ سندس ڊپارٽمينٽ جو نالو ٿئي، ان بهاني سان هوءَ آرٽ ۾ ڪا خدمت ڏئي سگهي.

سشما بس اسٽاپ تي بس مان لهي پنهنجي امان ۽ بابا کي ياد ڪندي ٽڪرين وکون کڻندي گهر پهتي. سندس امان ۽ بابا جيستائين هوءَ گهر پهچي، در ۾ ديدون وجهي ويٺا نهاريندا هئا. سشما گهر پهچي پنهنجي والدين کي پرنام ڪيو ۽ کٽ تي پيل امڙ جي وجود کي وڏو پاڪر پاتو.

سشما جي امان، ”سشما پٽ! ايڏي دير؟“

”ڇا ڪيان امان؟ پنڌ بہ تہ ڏسو. بس جي حالت ڪان تہ توهان واقف آهيو. مان پاڻ ٿوروئي دير ڪئي.“

”چڱو ابا، خير آ، بس اسان جو ٻچو پهچي ويو.“ سندس پيءُ چيو

هوءَ اٿي پنهنجي پيءُ کي بہ هڪ ڀاڪر پائي ٿي.

سشما جو پيءُ ماءُ ۾ ساهہ هوندو هو. هوءَ انهن جي ئي پيار ۾ ديواني رهجي وئي. ساري دنيا ان کي ديوانو ۽ پورڙو سمجهندي هئي ۽ هوءَ هئي جو پنهنجي من متي ۽ سادگيءَ ۾ پئي سفر کي جاري رکندي هئي.

ويٺي ويٺي سشما کي خيال آيو ”آئي امڙ روٽيءَ ۾ ڇا ٺاهيان؟“

سندس امان، ”جيڪو وڻئي ٺاهہ“ پوءِ هن رسوئي گهر ڏانهن ڊوڙ پاتي. کاڌو تيار ڪري جلدي سان پنهنجي امڙ ابي کي ڏئي پاڻ پوءِ کاڌائين.

برتن رسوئي گهر ۾ رکندي هن کي خيال آيو. ڪاش اڄ ليليٰ اچي نڪري، شام تائين وجود تي ڪجهہ بار هئا. ليليٰ سندس اڪيلي دوست هئي ۽ هو ٻئي هڪٻئي کي ڏاڍو پائينديون هيون.

ڇا ليليٰ جي سچ ۾ بہ دوست هئي؟....؟؟؟

ڪڏهن سشما ان باري ۾ بہ سوچ ويچار ڪندي هئي.

سشما سوچن جي سمنڊ ۾ ٻڏي وئي، پنهنجي پِتا (پيءُ) جي آواز جي سڏ تي هن ڪان ڇرڪ نڪري ويو.

**

# تڏا ساهَ

زهريٰ اسڪول ۾ اسان کان سينئر هئي. هوءَ ۽ اسان سڀ سهيليون ٿورو گهڻو اسڪول ۾ سلام دعا ڪنديون هيون سين پر جڏهن هوءَ مئٽرڪ پاس ڪري ڪاليج ۾ پهتي تہ اسان بہ هن لاءِ سِڪي پونديون هيوسين. سندس مزاحيہ طبيعت ۽ سڀن سان ميل جول مان ڪٿي بہ ايئن نہ لڳندو هو تہ هوءَ اسان کان ڪو عمر ۾ وڏي آهي. مون سان هن جي گهڻي گهاٽي دوستي هئي جيڪا ڪاليج ۾ B.Sc: تائين ۽ ان ڪانپوءِ جڏهن اسان سڀ ڪونجن جي ولر جيان هڪٻئي کان ڌار ٿيوسين. تڏهن بہ ڪٿي نہ ڪٿي ڪجھ وقت ڪانپوءِ ملاقات ٿي. زهريٰ هڪڙي گورنمينٽ جي اداري ۾ ڊيٽابيس ايڊيٽر جي طور ڪم ڪرڻ لڳي هئي. ان دوران سندس شادي بہ ٿي وئي.

هي قصو اڄ کان ڪان پنجويهہ- ستاويهہ سال اڳ جو آهي. بيروزگاريءَ جي ڏينهن ۾ تعليم مڪمل ڪري سنڌ جي انهيءَ سهڻي شهر جي پرائيويٽ اسڪولن ۾ اچي لڳيون سين. وڏن ماڻهن جي ٻينرن ۽ ڌيئن تہ ميڊيڪل ڪاليجن جي داخلائن ۽ ڊاڪٽريءَ جي تعليم ورتي پر اسان مڊل ڪلاس پاڻ پنهنجي مدد ڪرڻ واريون سيئي. آخر انهيءَ شهر جي رستن ۽ روڊن تي پيادل هلندي اسڪول ڏانهن هلي ويندي يون هيون سين. پنهنجي پنهنجي قسمت ڪي ٿورو گهڻو ڪوسي، پنهنجي سفر کي جاري رکيوسين. هر روز اخبارن جا پنا اٿلاياسين پر نوڪري هئي جا مَنَ جي محبوب وانگر ڪٿي ڪونہ پئي لڀي، جڻ ڪنهن چورائي ورتي هئي.

بهرحال اسڪول ۽ ٽيوشن مان جڏهن فارغ ٿياسين تہ اچي ستاويهہ ۽ اٺاويهہ سالن کي پڳاسين پوءِ ڇا ٿيڻو هو جنهن کي شادي جو پڌڙ سؤلو لڳو انهن شادي ڪئي، جن کي چونڊ جي تلاش هئي اهي چونڊ ڪرڻ ۾ لڳي ويون، جن کي فقط انتظار هو. اهي من ئي من ۾ انتظار کي پوڄڻ لڳيون. جن کي ذميواريون هيون اهي ذميوارين سان نڀائڻ ۽ انتظار کي ئي سيڪجهہ سمجھڻ لڳيون. پڙهائي ۽ محنت، جفاڪشي، دليري، ڏاهپ ۽ سرت کان وسان نہ گهٽايائون. پر قسمت بہ ڪا شيءِ آهي. عقل ۽ مت ڪسجي وڃي تہ ٻنهي صورتن ۾ انسان ڏهاڳ تي چڙهي ٿو. جن جون شاديون ٿيون ساهرن جي دکن، مڙسن جي الرن، پادرن سختين، صعوبتن ۽ ٻارن پالڻ جي ڌرم کي ڌرم سمجهي پنهنجي لائون لڏن گهوٽ سان هرحال ۾ هلڻ جي هام ڀري جڏهن بہ اسان سان مليون تہ "تڏا ساهہ ئي پريائون ٿي".

پاڻ تہ جڳ جهڙيون ٿي ويون، هيون بہ منزل تي ڪونہ پر منزل سمجهي سمجهوتو ڪيائون. جيڪي اولاد واريون ٿيون، اهي غير شادي شده ۽ جيڪي ڪجهہ عرصي ۾ مڙسن کي ڪجهہ قابو ڪيائون هو انهيءَ کي سک سمجهي اسان کان ايئن معلوم ڪنديون هيون جڻ اسان ڪا ٻي مخلوق هجون. پر زهريٰ چوندي هئي،"اڙي- شادي ڇونہ ڪيئي ....“ ۽ پوءِ منهنجا ٺهڪ ...... ڪنداسين ..... .

زهريٰ "اڇا ڪڏهن ڪندينءَ.... اڇو مٿو اڇي ٿيو اٿئي. ٻڌ پلا مان ڳوليان....... . "
"مهرباني، اهو ڪم اسان جو ذاتي آهي، اسان پاڻ ڪري وٺنداسين. توهان زحمت نہ ڪيو" مون چيو
زهريٰ "ڇڱو پوءِ ڪر نہ پلا.... الا ڙي ٻڌ نہ.... شادي سٺي اٿئي.... هون...." مان سوچيندي چيو.
جيتري دير ان موضوع تي تي گفتگو رهندي، اوتري دير اسان منهن تي مرڪون ۽ ٿڪ پڻ. پنهنجي دڪن جو پاڻ گڏجي ڪٿارس ڪندي آهي. "عورت" شاديءَ ڪانپوءِ مڪمل ٿئي ٿي ۽ اها..... جا اڻ پرٽيل.... شايد لوڪ جي دونهين پٽي ٻرندي آهي ۽ ان جا ٽانڊا ڪڏهن بہ نہ وسامندا آهن. شايد.... شايد..... شايد ڪڏهن بہ نہ!!!

**

# غربت، جهالت ۽ بيحسي

زندگيءَ جو وقت هر ڪنهن لاءِ پنهنجو پنهنجو آهي، تڏهن تہ عمر جي حد هر ڪنهن جي الڳ الڳ ٿي بيهي، هر شخص، هر ماڻهو پنهنجي مليل وقت ڪان شڪايت بہ ڪري سگهي ٿو ۽ جوابده بہ آهي. منهنجي هڪ عزيز هڪ ڏينهن شام جي پهر ۾ پنهنجي هڪ جيڏي ساڻ ڪري اچي پهتي هئي تہ مان حيران ۽ پريشان ٿي ويس تہ هي ٻئي ڇوڪريون ڳوٺ ڪان ڪيئن اڪيليون نڪتيون آهن. اصل ۾ انسان ٻئي انسان يا ماڻهوءَ کي ڏسي پيو پاڻ کي ڪوسيندو آهي. اڻ پڙهيل ڇوڪري، پڙهيل عورت جي زندگيءَ تي رشڪ ڪائيندي آهي ۽ پڙهيل وري پڇتاءَ مان اڻ پڙهيل عورت کي آجپي وارو ۽ آسودو سمجهندي آهي، ڇاڪاڻ جو پڙهجي ان کي ڪجهہ عرصي ڪان پوءِ پنهنجي مرد ڪان پنهنجو مڙهہ ملندو آهي.

اسان جي سماج جي جوڙجڪ جا بنياد ڪينسر جي بيماريءَ وانگر وڏي ويا آهن، سو هتي ”عورت“ مرد جي نظر ۾ انسان تہ آهي ڪونہ!!! باقي رهيو مرد تہ ان کي ٻاهرئين ٻاڦ ملي پئي جنهن تي هو وڏا وڏا ڦهر ۽ ڪلور ڪري پيو. اڃا جي انگريزن جهڙا حق سمجهي وٺي پنهنجي لاءِ تہ نہ ڄاڻ ڇا ڇا ڪري... خير قصو هيو اسانجي عزيز ڇوڪري، سندس سنگتياڻيءَ جو پهريان تہ مان حيران ٿي سندس آڏر ڀاءُ ڪيو ۽ پوءِ برهم ٿيندي خديجہ جنهن کي ڳوٺ وارا خُدي ڪوٺيندا هئا، ڪانئن پڇيو تہ، ”آخر توهان ٻئي ڪيڏانهن ويون هيون؟ ۽ ڪاٿئون پيون اچو؟“ سو سندس سنگتياڻي جواب ڏنو تہ، ”خالا! اسان توهان ڏي ئي آيا آهيون، پر جيئن تہ توهان نئون گهر ورتو آهي سو ڳوليندي ڳوليندي هاڻي پهتا آهيون. نہ تہ خالا اسان سوير جو توو ٺ پهچي وڃون ها.“

منهنجي ڪاوڙ منهنجي نَڪ تان لهڻ جو نالو ئي نہ پئي وٺي سو پوءِ بہ مون پاڻ تي ضبط ڪندي انهن کان پڇيو تہ، ”توهان ٻنهي مانجهاندو ڪيو هئو نہ تہ، مان توهان لاءِ ڪجهہ ٺاهي وٺان.“ پوءِ مون مرغي روسٽ ڪري گيهہ ۾ بہ مانيون پچائي کين پيش ڪيون، ڇوڪريون سموري ماني کائي ويون... تہ مون کي ائين لڳو غربت، جهالت ۽ بيحسي ئي اسان جي ديس جون اصل بيماريون آهن. هو ٻئي منهنجي سِڪَ ۾ هلي آيون هيون، پر منهنجي اندر ۾ جا اڻ تڻ پيدا پئي ٿئي سان اها هئي تہ، جوان جماڻ ڇوڪريون اڪيليون ڇو هليون آهن. ڇا هنن کي ڪنهن ٻئي پاسي تہ نہ وڃڻو هو .....!؟.... ڪوئي هنن جو محبوب تہ نہ هين ساڻ.... ڇاڪاڻ تہ ڪوئي ڳجهہ تہ نہ ٿو ڏئي پوءِ ڇا ڪجي؟ بس مان اندر جي اڻ تڻ ۾ ساڻن هليس پئي. پر ڇوڪريون سمجهي ويون سو۔ چيائون ”خالا توهان پريشان نہ ٿيو، جيڪو توهان سوچيو پيون ايئن نہ آهي، بس توهان جو گهر ڏسڻ گهريو پئي، هاڻي اسان مامي مجيد وارن ڏانهن وينداسين، توهان دلجاءِ ڪريو.“

سندن پورهيت هٿن، ميرن لٽن، حسرتن ۽ ارمانن جو خون سندن اکين مان جهلڪي رهيو هو. جڏهن هنن منهنجي گهر کي گهمي ڏٺو تڏهن پنهنجي غير تعليمي يافتہ هجڻ جو احساس شدت سان محسوس ڪيائون، پر غربت ۽ وڏن جي ذهني جهالت تي پڻ افسوس جو اظهار ڪندي پنهنجي اڻوجهائيءَ کي تسليم ڪندي موڪلايائين. پر اهو احساس کين ڪائي رهيو هو تہ هو غربت ۽ جهالت جي ڏيڻ ۾ ڦاٿل بيوس انسان آهن.

**

# جياپي جو سوال

سندس ڪماڻي سمجهه ڪان ٻاهر .... سندن روايتون قبائلي، سمجهه ڪان ٻاهر. "بس هي قيد تنهائي آهي، ماهم ۽ تون، منور تون ڪٿي آهين؟"
مون چيو "ڪٿي بہ نہ. عورت ڪٿي ئي ڪونهي. ڪجهہ پڙهي وٺان هان تہ پاڻ لاءِ ڪجهہ نہ ڪجهہ ڪري سگهان ها پر .... ماهم زندگيءَ، مرد جي دوکي جو نانءُ ۽ اهڃاڻ بڻجي پئي. توهان جي شفٽ ٿي وڃڻ ڪانپوءِ مئٽرڪ تائين پڙهيس ۽ پوءِ منهنجي شادي ڪرائي وئي ۽ مان هڪ پڃري جو قيدي پکي بڻجي رهجي ويس ۽ سڄي حياتي ايئن ئي گذرندي، ابي امان، ڀائر، ڀينرن جو سوچيندي، پهہ پڇائيندي آءٌ گذارو ڪريان پئي. خبر اٿئي، بابا ۽ امان وڏيءَ ڪانپوءِ تہ هاڻي آءٌ ڪجهہ بہ نہ ٿي ڪري سگهان."
اهو سڀ ٻڌائيندي سندس لڙڪ لارون ڪري وهي رهيا هئا.
"تون ٻڌاءِ ماهم مرد ائين ڇو هوندا آهن؟، سماج جون سيئي ڪڏيون رسمون ۽ ڏاوڻ اسان لاءِ ڇو؟، ماهم اسين ڪٿي بہ نہ آهيون ۽ ڪجهہ بہ نہ آهيون. عورت مرد جي نظر ۾ ڪجهہ بہ نہ آهي؟ جي ڪجهہ آهي تہ ڪنهن رانديڪي ڪان وڌيڪ نہ آهي؟ ايئن ڇو؟!" هن نهايت معصوم انداز ۾ پنهنجي لڙڪن کي اگهندي پنهنجي هٿن کي منهنجي هٿن ۾ ڏيندي چيو.
"مرد سچائيءَ سان دوکو ڪندو اٿئي... هن کي سچائيءَ سان پيار نہ آهي ؟ هوڪوڙ ڳالهائيندو آهي؟ هاڻي تون ئي ٻڌاءِ ايئن آهي يا نہ ماهم ....؟"
مان پنهنجي انتهائي پياري دوست سان ملي پنڊ پهڻ ٿي وئي هئس، سندس سڀ ڏڪارا سوال ۽ جياپي جو سوال وڏي اذيت وارو هو.
"ماهم! ڇا واقعي "عورت" مرد جي پاسريءَ مان ٺاهي وئي آهي؟" هن پڇيو. سندس ڪنهن بہ سوال جي جواب ۾ آءٌ ڪجهہ ڪچي سگهڻ جي طاقت نہ ساري مون "ها" چيو. پر هاڻي مرد، عورت جون پاسراٽيون پڃندي، سڪون محسوس ڪندو آهي.

**

# بنا عنوان

تون مون کي دل سان چاهيو ٿي نہ هيو مان پنهنجي پر ۾ ان سموري سلسلي کي چاهت سمجهيو هو. ڇاڪاڻ جو اها منهنجي ذهن ۽ روح جي پهرئين پاڪيزه عبادت هئي، جنهن ۾ مان بظاهر خالي دل، خالي روح، خالي وجود، دنيا جي انڌير نگر ۾ حاصل ڪري ويٺس. پر اها بہ حقيقت آهي، اي مهربان دوست... !!؟؟ تو مونکي دل سان صرف هڪ تحفو ڏنو آهي جيڪو آهي، تنهنجي جدائي.... تون مون کان پري ڏيهہ ئي ڇڏي وئين.

حقيقت ۾ تون پنهنجي سرشت ۾ بہ واڻي تي هلڻ وارو فرد هئين. تنهنجي دنيا ۾ گهڻا ئي رنگ هئا. پر .... مون سمجهيو تون منهنجي رنگ ۾ رڱجڻ چاهين پيو..... جيڪا سماج ۾ منهنجي غلطي ليکبي.... پر ”سانول“ اسان جي زندگي ۾ صرف هڪ رنگ اٿئي ”عشق“ جو..... پر قيامت تہ اها ڪئي اٿئي عشق جا سڀ حرف بہ مون کان هجر جي گهرائين مان تو پاڻ ڏي ڇڪي وتان جڏهن تون پرينءَ جي ديس مان مون کي فون ڪال ڪئي؟ ڇو ۽ ڇاڪاڻ؟

**

# يـــاد

زندگيءَ جو اهو نہ وسرندڙ باب (Chapter) هوندو آهي، جيڪو ڪڏهن بہ نہ وسرندو آهي. انسان چاهي ترقيءَ جي ڪيترن ئي ڏاڪن تي پهچي وڃي، ان وٽ هڪ نہ هڪ شبِ غم ضرور هجي ٿي.

**

# ڪوڊ آف لائيف (Code of Life)

تنهنجي وئي ڪانپوءِ بہ تون مون وٽ رهجي ويو آهين....!! پر تو پنهنجي Code of Life مان مون کي خارج ڪري ڇڏيو ڇاڪاڻ جو تون زندگيءَ کي صرف هڪ تفريح (Entertainment) سمجهين ٿي.

**

# مينٽل اپروچ

هوءَ مهمان ٿي آئي هئي، پر لڳي ايئن رهيو هو تہ هوءَ پاڻ تي ڪجهہ گهڻو نازان آهي، يا وري وڏائيءَ جو شڪار هئي. تعلق تہ پڙهائڻ جي شعبي سان هئس پر فيشن، سونهن، گهر گرهستي، ٻارن جي پڙهائڻ جا نوان ڪورس، ان جون داخلائون ۽ انٽري ٽيسٽون، سڀ تہ ياد هئس. پنهنجي وڏ گهراڻي جا ڪيترا قصا، آپا... فلاڻي جو پٽ آهي تہ ان جي سليڪشن ٿي وئي اٿو ۽ وڏي آپا، وري خوشي ۽ مسرت جو اظهار ڪري انڪي ويٽر آشير واڌ ڏئي رهي هئي. پلا ڏئي بہ ڇونہ. هڪ ئي ڪلاس جون مايون گڏبيون تہ غريب غربي تي تہ اک ئي ڪونہ ٻڌندي نہ. اٿن اهو اسٽيٽس، اهي ڳالهيون، گاڏين جي مٽاسٽا، برانڊ ذريعي ڪپڙن جي سيل ماستريءَ جي اها ئي تہ ماستري آهي. ڪلاس ۾ ٻارن کي چپ ڪرائڻ ۾ پيرڊ پورو ۽ اسٽاف روم ۾ ڳالهين جون ڳهير، ڪجهہ گلا، ڪجهہ طنز ڪجهہ ٽوڪ، ڪجهہ ٺٽاڪ ۽ ڪجهہ مذاق، اصل بس ئي نہ ڪن. پل پر ۾ وينل پٽي جڪائون ڪائن.

شادي شده هونديون تہ ڪنوارين تي ايئن پيون تيرن جا تير اڇلائينديون ڄڻ غير شادي شده هجڻ ڪو جرم آهي. ان مهمان ٿي آيل پنهنجي اپسرائي ۽ جوانيءَ جي جوين جي ڪهاڻيءَ کي انهن کي لفظن تي ختم ڪيو آپا ..... توهان تہ مون کي پڙهايو آهي، ياد اٿو تہ منهنجي فگر ڪيئن هئي، هي تہ ٻارن ڪانپوءِ وچي هاڻي منهنجو وزن وڌيو آهي. منهنجو مڙس بہ ايئن ئي چوندو آهي.

آپا فروٽ ڪائيندينءَ .... ڪنڌ ڌوڻيو ٿورو مسڪرايو... پر ڏسو نہ اڇوڪين ڪنوارين کي ڏسو نہ هينئن لڳيون پيون آهن، ڪجهہ ماٺهو پنهنجو خيال رکندو آهي. منهنجي پر ۾ وينل ٽيچر ٺونٺ هڻي چيو "خير تہ آهي گهڻا سال ڪنواري ويٺي هئي؟"

"اها اٿئي اڄوڪي ٽيچر جي مينٽل اپروچ....."


**

# وڏائي

هوءَ سنهڙي آواز سنهڙي هائيءَ واري نوڪري پيشہ مرد جي گهرواري هئي. قبيلائي ذات هجڻ ڪري سندس وڏائي سونهن، شادي هجڻ، ڪرڪيٽ ٽيم جي برابر ٻار هجڻ ڪان وڌندا. ان ذات ڪي اورچائي مان هن سان پهريون ڀيرو شادي جي هڪڙي تقريب ۾ مليس، جتي اوڙي پاڙي ۽ شهر جون سڀ سياويڪ عورتون شريڪ هيون. عورت ڪهڙي ادائن تي ناز ڪري ٿي سو تہ سمجهہ ڪان ٻاهر آهي. هر قسم جي سوچ رکندڙ مايون پاڻ ۾ تڪبر جا جزا رکنديون آهن، سو سارا بہ انهن مان هڪ هئي. سارا ناز ۽ انداز ۾ تمام ئاهوڪي تہ نہ پر پوءِ بہ چڱي خاص پرڪشش هئي. مون سمجهيو تہ ايترو جو رعب اٿس، اهو شايد پرٽيل جڻ، گهر ٻار هجڻ، مڙس جي نوڪري هجڻ واري سبب تي اٿس يا وري ......... جي گهڻي پير جو ذڪر ڪندي پر نہ سائين هتي تہ هيءَ مائي پنهنجي ذات پئي پڏائي.

سو.... اهڙي سوچ رکندڙ عورت سان پنهنجي تہ لڳي ئي ڪونہ.... سندس ساهراڻي ڳالهہ شروع بہ اتان پئي ٿئي تہ ختم بہ اتي پئي ٿئي، رکي رکي سو نہ پئي آهي. پنهنجي مڙس جي جاهہ ، جلال همت جو بہ ذڪر خير ڪيائين ٿي، سو هوءَ هڪ اڻ پڙهيل عورت هئي اسان جي سماج ۾ بہ وارث جي تقاضائن ڪي هاڻ بدلجڻ گهرجي. هاڻي جن ڪان سنڌ جي ماءُ انهن خلفشارن مان نڪرڻ ڪي چاڪاڻ جو سندس اهڙي سوچ مرد جو ۽ عورت جو سنو ڪردار سامهون رکي پڙهيل لکيل ايم.اي پاس مرد ڪي گهٽ ۾ گهٽ ان پاسي تي توجه ڏيڻ گهرجي تہ ماءُ جي سوچ اولاد جلدي وٺندي آهي، شاديءَ ڪان پوءِ پڏوسين تہ انهيءَ گهر جي ڇوڪري سندس ڇوڪري پنهنجي پاءُ جي شان ڪي وڌائڻ ۾ دوستيءَ جهڙي مقدس رشتي استعمال ڪري ٿي ۽ پنهنجي ڏاڏائيءَ تي هڪ غريب گهر جي ڇوڪري سمجهي وڃي ٿي ۽ انهيءَ ڇوڪري جو گهراڻو شهر بدلائي ٿو.

**


لاڙڪاڻو خود هڪ تاريخي علائقو آهي. هزارين سالن
جي پراڻي سنڌي تهذيب جو مرڪز رهيو آهي. هزارين
سالن کان اتي سنڌو درياهہ وهندو پيو اچي ۽ ان جي
ڪناري تي وسندڙ ماڻهو، صدين جو اهو اتهاس ۽ قديم
ورثو پاڻ سان نسل در نسل سانديندو اچي. ڊاڪٽر آمنہ
پاڻ شاعري بہ ڪري ٿي ۽ ڪيتري وقت کان سنڌي
ادب سان سلهاڙيل بہ آهي. سندس ڪهاڻين جو هيءُ
”عورت ۽ احساس“ پهريون مجموعو آهي. اميد اٿم، تہ
لائق پڙهندڙ سندس همت افزائي ڪندا، جيئن هوءَ
صاحبہ اڳتي بہ سنڌي ادب سان پنهنجو موهہ جاري رکي
سگهي، اميد تہ هوءَ پنهنجي ادبي ذوق ۽ شوق کي آئنده بہ
جاري رکندي. ساڳئي وقت تحقيق جي شعبي سان بہ
پنهنجو تعلق جاري رکندي. تہ جيئن اسانکي سندس
پي.ايچ.ڊي ڪيل ٿيسز جو مطالعو حاصل ٿي سگهي.
مدد علي سنڌي